اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهہ)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون
نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي
سلسلو_10

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**

**پروفيسر سيد عباد الله راشدي**

**چيف ايڊيٽر**

محمد سليمان طاهر انيڙ

**ايڊيٽر**

نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**

مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

شوال المڪرم ١٤٣١ ھہ مطابق سيپٽمبر 2010ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي الله عليہ وسلم | ادارو | 3 |
| تعليمات اما شاهہ ولي الله رحمتہ الله عليہ | ادارو | 4 |
| اسماءَ الله الحسنيٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 6 |
| اشرافيہ طبقي مان ڇوٽڪارو ڪڏهن ملندو؟ | چيف ايڊيٽر | 7 |
| انساني عملن ۾ انساني اختيار ۽ ارادو | مولانا محمد انس راڄپر | 9 |
| سنڌي واٽ جي تلاش | مولانا سليمان طاهر انيڙ | 12 |
| شاهہ ولي الله جو نظريہ انقلاب | مولانا عبيدالله سنڌي | 15 |
| قرآن جي ادب جون مختلف صورتون | احمد الدين شر | 20 |
| انفاق في سبيل الله | مولانا عبداللطيف نانگراج | 23 |
| قرآن متعلق مغربي دانشورن جي راءِ | علامہ عبدالله منهاس | 27 |
| گفتگو بابت پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جون سنتون | مولانا شعيب الرحمن کهڙو | 30 |

**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،**
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي
ڪراچي 75030 فون: 021-35000478 موبائل: 03002707097
www.hikmatequran.org /Email:hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي ڇوڏاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

ثُمَّ اَرۡسَلۡنَا رُسُلَنَا تَتۡرَا ؕ كُلَّمَا جَآءَ اُمَّةً رَّسُوۡلُهَا كَذَّبُوۡهُ فَاَتۡبَعۡنَا بَعۡضَهُمۡ بَعۡضًا وَّ جَعَلۡنٰهُمۡ اَحَادِيۡثَ ۚ فَبُعۡدًا لِّقَوۡمٍ لَّا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۴۴﴾ (المؤمنون: ٤٤)

”پوءِ لاڳيتو اسان قومن ڏانهن رسول موڪليندا رهياسون. جڏهن بہ ڪنهن امت وٽ ڪوبہ رسول آيو تہ انهن ان کي ڪوڙو قرار ڏنو تہ اسان بہ اهڙين قومن کي هڪ ٻئي جي پٺيان هلاڪ ڪندا رهياسون ۽ پوءِ انهن جون دنيا ۾ فقط ڳالهيون وڃي رهيون، جيڪي ماڻهو ايمان نٿا آڻين، انهن لاءِ هلاڪت ۽ بربادي ئي مقدر آهي.“

هن آيت ۾ الله تعاليٰ ٻڌائي ٿو تہ جيڪي قومون سرڪشي ڪنديون آهن ۽ هدايت کان منهن موڙينديون آهن ۽ پنهنجي خيرخواهہ مصلحن کي ڪوڙو سمجهي انهن تي ڇٽرون ڪنديون آهن، پنهنجي مال دولت تي آڪڙ جي وڏائي ۾ هوش مان نڪري وينديون آهن تہ انهن جي پڇاڙي هلاڪت ۽ بربادي تي پهچندي آهي، پوءِ دنيا ۾ انهن جون ڪهاڻيون ۽ افسانا ئي باقي رهندا آهن. اها ڳالهہ ڪا لڪل ناهي تہ هن زمين تي وڏيون قومون ۽ عظيم بادشاهتون موجود هيون پر هاڻي انهن جو نالو ۽ نشان بہ نہ آهي، پراڻو داستان بڻجي ويون. انهن جا رونق وارا شهر، عيش ۽ تفريح جا مرڪز، دولت جا خزانا، تابعدار نوڪر چاڪر ۽ ٻيون شان ۽ شوڪت جون شيون اڄ ڪٿي آهن. ايئن مٽجي نيست ۽ نابود ٿي ويون جو سندن ڪا نشاني بہ نہ رهي. اهي آڪڙيل ۽ وڏائي خور سمجهندا هئا تہ اسان تي ڪوبہ زوال اچڻو ئي ناهي. (ابراهيم 44)

”ڇا توهان دنيا ۾ وڏا قسم ڪٽي نہ چوندا هئا تہ اسان کي زوال اچڻو ئي ناهي.“ ڇا جي قيامت، ڇا جا حساب ڪتاب. پر اڄ خدا جي رسولن جو واعدو پورو ٿيو ۽ اوهان جي آڏو حق ۽ سچ واضح ٿي ويو ۽ هاڻي ڇئو پيا تہ اسان کي ٻيهر دنيا ۾ موڪليو وڃي تہ اسان مؤمن ٿي گذاريندا سون. پر اها تہ هڪ مهلت هئي جيڪا توهان وڃائي ڇڏي. عمل جو عرصو ختم ٿيو هاڻي سزا جو عرصو شروع ٿي چڪو آهي. هر انسان کي جيڪو وقت جنهن ڪم لاءِ مليو آهي ان وقت ۾ ان ڪم کي پورو ڪري. وقت گذرڻ کان پوءِ هٿ مهٽڻ ۽ ندامت کان سواءِ ڪابہ شي حاصل نہ ٿيندي آهي.

”(انسان جي ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ جو راز هن ۾ آهي تہ) سندس عقل، سندس جذبن تي غالب هجي ۽ سندس جذبا سندس طبعي خواهشن تي غالب هجن.
(دماغ جيڪو عقل جو مرڪز آهي، اهو سڀ کان مٿي آهي، دل جذبن جو خزانو آهي، اها وچ ۾ آهي ۽ جگر جيڪو طبعي ضرورتن پيدا ٿيڻ جي جاءِ آهي سو سڀ کان هيٺان آهي. انهن سيني جي قدرتي بيهڪ منجهان ئي اهو نتيجو نڪري ٿو تہ صحيح انسان اهو ٿيندو، جنهن جو عقل جذبن تي ۽ جذبا طبعي خواهشن تي ڪنٽرول رکن.)“
(شرح حجة الله البالغہ امام سنڌي)

# حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

عن انس رضی اللہ عنہ قال. قال رسول اللہ ﷺ: مَا آمن بِی مَن بات شَبعانَ وجَارُہٗ جائعٌ الیٰ جَنبہٖ وھویعلم بہ۔ (الطبرانی)

”حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه عنہ کان روايت آهي تہ حضرت رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ: ”انهيءَ شخص مون تي ايمان نہ آندو جيڪو رات جو پنهنجو پيٽ ڀري بي فڪر ٿي سمهي پوي مگر هن جي پاسي ۾ سندس پاڙيسري بک جي وگهي موجود هجي ۽ هن کي ان شخص جي بک جي خبر بہ هجي.“

اسلام جي تعليم ۽ اسوه حسنہ مطابق حقوق العباد تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي، جنهن شخص عام انسانن جي ڀلائي ۽ خيرخواهي، خاص طرح پاڙيسرين جي حقن جي پوئواري نہ ڪئي تہ ان کي سنو مسلمان قرار نہ ڏنو ويو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن بکايل پاڙيسري جي سارسنڀال نہ لهڻ واري شخص لاءِ مٿيون ارشاد فرمايو تہ ان شخص جو ايمان کڙو! ان تي منهن جي نبوت ۽ رسالت تي ايمان ئي نہ آندو جنهن پنهنجو پيٽ ڀريو ۽ پاڙيسري جي بک جو خيال ئي نہ ڪيائين.

اهڙي طرح هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ ”ڪنهن بستيءَ جا ماڻهو ڏؤ ڪري سمهي پيا ۽ اتي ڪو بکايل رهجي ويو جنهن جي بستيءَ وارن خبر گيري نہ ڪئي تہ ان رات ان بستيءَ جي حفاظت جو ذمون واپس ڪٽي ڇڏيو.“ الله جي پناهہ جڏهن الله پنهنجي حفاظت جو ذمون واپس ڪٽي ڇڏي تہ پوءِ ان بستيءَ ۾ وٽي تہ عذاب اچن، وٽي تہ مصيبت اچي، وٽي تہ درندا داخل ٿين. اسان جي مٿان مصيبتن جا دروازا اسان پاڻ کوليون ٿاڌ جڏهن خدا جي قانون ۽ هدايتن جو انحراف ٿئي ٿو تہ پوءِ ان جا نتيجا بہ ڀوڳڻا پون ٿا.

ٻانهن جي حقن متعلق سندن ارشاد گرامي هن طرح آهي تہ:

- جيڪڏهن بيمار ٿي پوي تہ ان جي عيادت ۽ خبر گيري ڪر.
- جيڪڏهن وفات ڪري تہ ان جي جنازي سان هل ۽ دفن ۾ شرڪت ڪر.
- جيڪڏهن هو قرض گهري تہ وسعت آهر ان کي قرض ڏي.
- جيڪڏهن هن کان ڪو غلط ڪم ٿي وڃي تہ ان جو پردو رک.
- جيڪڏهن ان کي ڪابہ خوشي حاصل ٿئي تہ ان کي مبارڪباد چؤ.
- جيڪڏهن ان کي تڪليف پهچي تہ ڏک ۾ ڀائيوار ٿي وڃ.
- هن جي گهر کان پٽ وڏي نہ ڪر جو ان ڏانهن هوا ۽ روشني نہ وڃي سگهي.
- ڪو سنو ڪاڌو تيار ٿئي تہ ان کي بہ شريڪ ڪر.
- ڪو ميوو آڻين ۽ ان کي نہ ڏئي سگهين تہ لڪائي ڪائي ڇڏ. جيئن هن جي ٻارن کي خبر نہ پوي.



# تعليمات امام شاهہ ولي الله رحمۃ الله عليہ

## روزي جي حڪمت

الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل عبادتن مان هڪ عبادت روزو آهي. روزي جي حقيقت هيءَ آهي تہ ٻانهو پنهنجي معبود لاءِ هر طرح جي سخت مشقت ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهي.

ان جو فلسفو هي آهي تہ انسان، جڏهن ڪنهن سان دلي محبت ۽ والهانہ عقيدت رکندو آهي تہ پوءِ ان کي ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ هوندي آهي تہ سندس زندگي آرام ۽ سڪون ۾ گذري ٿي، عيش ۽ عشرت ۾ رهي ٿو. بلڪ ان کي پرواهہ ۽ خيال رڳو پنهنجي محبوب جي رضا جو ۽ ان جي قربت حاصل ڪرڻ جو رهندو آهي.

انسان جي فطرت ۾ هيءَ ڳالهہ امانت رکيل آهي تہ هن جي جڏهن ڪنهن سان والهانہ محبت ۽ عقيدت ٿي ويندي اهي تہ ان جي باري ۾ ان جو هي پختو يقين ٿي پوندو آهي تہ اها ذات سندس هر ڪم، هرعمل ۽ هر حرڪت کي ڏسي پسي رهي آهي.

توهان جيڪڏهن ماڻهن جي عملن ۽ حرڪتن جو استقراء ۽ مشاهدو ڪندؤ تہ توهان کي معلوم ٿيندو تہ جڏهن ڪنهن شخص تي ”غائب محبوب“ جي محبت غالب ٿي وڃي تہ اهو ان کي حاضر سمجهندو آهي ۽ ان ۾ ان کي سرور ۽ راحت ملندي آهي. ان لاءِ پنهنجي هر شيءِ، راحت، عيش ۽ عشرت ۽ آرام قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آ هي. خاص ڪري جڏهن ان کي اهو بہ يقين هجي تہ ان جي محبوب کي هر شي جو علم آهي، اهو هن جي هرعمل ۽ هر حرڪت ۽ سڪون کي ڏسي رهيو آهي.

اهوئي سبب آهي جو هڪ مؤمن (جيڪو ايمان جي نور سان منور ۽ احسان جي زيور سان سينگاريل هوندو آهي) کي پنهنجي پالڻهار ۽ خالق سان انتهائي محبت ۽ عقيدت هوندي آهي. پنهنجي محبوب خدا تعاليٰ جي خوشنودي ۽ رضا حاصل ڪرڻ لاءِ کائڻ، پيئڻ ۽ جنسي جذبي کان هڪ مقرر وقت ۾ دستبردار ٿي، جسماني تڪليفن ۽ مشقتن کي برداشت ڪري پاڻ کي هروقت قربانيءَ لاءِ تيار ڪندو آهي.

انسان، قوت بهيمي (حيواني) ۽ قوت ملڪوتي جو مجموعو آهي. انسان ۾ اهي سڀ عادتون ۽ سفلي تقاضائن ۽ مادي گهرجون موجود آهن جيڪي ٻين سڀني حيوانن ۾ هونديون آهن ۽ ان سان گڏ ان ۾ اهو ”نوراني جوهر“ بہ آهي جيڪو انسان کي ملائڪن سان ڳنڍي ٿو.

انسان جي ڪاميابي هن ۾ آهي تہ سندس نوراني جوهر، حيواني جذبن تي حاوي ۽ غالب رهي، سندس بهيميت وڌيل نہ هجي. ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن انسان جون حيواني گهرجون ڪجهہ قاعدن هيٺ آڻجن. (يعني انسان جون حيواني تقاضائون عقل جي تابع رکجن.) انسان جي بهيمي قوت، ملڪوتي قوت جي تابع ۽ فرمانبردار هجي ۽ روزي جي شرعي نفاذ جي حڪمت ۾ هي ٻئي شيون شامل آهن.

**1_روزي سان بهيميت جي شدت گهٽبي آهي**

سخت بهيميت، ملڪيت جي ثمرات جي ظاهر ٿيڻ آڏو رڪاوٽ هوندي آهي. تنهن ڪري بهيميت جو زور ختم ڪرڻ ضروري هوندو آهي. ان جي صورت هي آهي ته بهيميت جن شين سان زور وٺندي آهي، انهن کي ڪنهن مقرر قاعدي هيٺ آندو وڃي، ته جيئن انهن جو اثر حد ۾ رهي. بهيميت کي ٽن شين سان هشي يا چرچ ملندي آهي: کائڻ، پيئڻ ۽ جنسي لذتن ۾ ٻڏل رهڻ.

تنهن ڪري اهڙن سڀني انسانن جو هن ڳالهه تي اتفاق آهي (جيڪي ملڪيت جي ثمرن جي ظاهر ٿيڻ جا خواهشمند هوندا آهن.) ته ملڪيت جي بيداريءَ لاءِ انهن سببن کي گهٽ ڪرڻ ضروري آهي، جيتوڻيڪ اهڙن انسانن جا ملڪ ۽ قومون الڳ آهن ۽ سندن زمانو به هڪ نه آهي.

اهو اتفاق، (جيڪو انساني تجربي ۽ مشاهدي تي ٻڌل حقيقت جو ڏيک ڏيندڙ آهي.) هن ڳالهه جو وڏو دليل آهي ته مٿي ذڪر ڪيل شين کي حد ۾ رکڻ سان بهيميت جو زور ٽٽي پوي ٿو.

**2_روزي جي مشروعيت** جي ٻي حڪمت هيءَ آهي ته بهيميت، ملڪيت جي تابع ۽ فرمانبردار رهي. شريعت جو مقصد هيءُ هرگز ناهي ته بهيمي تقاضائون بلڪل فنا ۽ ختم ٿي وڃن. اهي طبعي ۽ فطري آهن ۽ فطري شيون ختم ناهن ٿينديون. مقصد صرف هنن کي قاعدي ۾ رکڻ آهي. هن طرح ته اهي ملڪيت جي ترقي لاءِ رڪاوٽ نه بڻجن بلڪ معاون ۽ مددگار ٿين. ملڪيت جو رنگ انهن تي پوريءَ طرح چڙهي وڃي. (ته جيئن انسان لاءِ سندن منزل ۽ مقصود آسان ٿي پوي.) (بدور بازغہ ۽ حجة الله البالغہ تان ورتل)

---

## ڪاميابي لاءِ چار اصول

مولانا سنڌي رحہ فرمايو:

1- ايمان: يعني جيترو به صحيح علم حاصل آهي، ان تي قربان ٿيڻ جو جذبو، ان کي قائم ڪرڻ لاءِ جان قربان ڪرڻ. جڏهن علم ان درجي تي پهچي وڃي ته اهو ايمان سڏبو آهي. هن ايماني ڪيفيت پيدا ٿيڻ کان سواءِ ڪاميابي محال آهي.

2- عمل صالح: ايمان جي مطابق ڪم ڪرڻ جو نالو عمل صالح آهي.

3- جيستائين ان انقلابي طريقي تي پارٽي نه جوڙبي ڪامياب نٿو ٿي سگهي. اهو تواصي بالحق آهي.

4- مخالفن سان مقابلو ڪرڻ کان سواءِ ڪاميابي حاصل نه ٿيندي، اهو تواصي بالصبر آهي.

تاريخ گواهہ آهي ته انهن چئن اصولن کان سواءِ ڪاميابي ناممڪن آهي.

(امالي عبيدالله سنڌي)



## اسماءُ الله الحسنيٰ: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

# العزيز

الله تعاليٰ جو اسم "عزيز" جنهن جي معنيٰ آهي غالب، طاقتور، بي مثل ۽ اهڙي ذات جنهن تائين پهچڻ آسان نہ هجي. ۽ اهي صفتون ڪامل طرح سا الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ۾ به نہ آهن، مگر جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي اسم "عزيز" جي فيض جو ڪو حصو عطا فرمايو هجي، جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي: مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ جَمِيْعًا (الفاطر: ١٠) ترجمو: جيڪو عزت چاهي ٿو ته پوءِ سموري عزت ته الله جي ذات لاءِ ئي آهي. يا ٻي جاءِ تي فرمايو ويو: وَ لِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَ لِرَسُوْلِهٖ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ (المنافقون:٨) ترجمو: عزت ته الله ۽ ان جي رسول ﷺ ۽ ايمان وارن جي واسطي ئي آهي.

**تعلق:**

عارف لاءِ هن اسم سان تعلق قائم ڪرڻ جي واٽ هيءَ آهي، ته ٻانهو اهو يقين ڪري ڇڏي ته الله جي ذات ئي عزيز آهي ۽ عزت ان کان ئي گهري. پر اهو به يقين رکي ته عزت سواءِ عبادت الاهي جي ٻي ڪنهن طريقي سان حاصل ٿي نہ سگهندي. ان ڪري هر ڪنهن کي عزت وارو نہ سمجهي، مگر جنهن کي الله عزت ڏني هجي، صرف ان کي ئي عزت جي نگاهہ سان ڏسي ۽ ان جي ئي عزت ڪري.

عزيزی و خواری تو بخشی و بس
عزيز تو خواری نہ بيند زکس

اي مولا! عزت ۽ ذلت ڏيڻ وارو تون ئي آهين ۽ جنهن کي تو عزت بخشي هجي، ان کي ڪو بہ عزت ڪري نہ سگهندو.

**تخلق**

هن اسم شريف جي تخلق (صفت اپنائڻ) جي واٽ هيءَ آهي، ته ٻانهو نفس ۽ ان جي سڌن تي غالب رهي، نفس ۽ شيطان تي پنهنجو زور ۽ سختي قائم رکي، پنهنجي عزت ۽ آبروءَ کي دنيا وارن جي در تي لالچ ۽ سوال ڪرڻ سان ضايع نہ ڪري ۽ پنهنجي گهرج ۽ ضرورتون جو اظهار ان پاڪ ذات ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ اڳيان نہ ڪري، ۽ اهڙو بي مثل عالم با عمل ٿئي، جو سندس منزل تائين پهچڻ تہ مشڪل لڳي، پر سندس حال جي حقيقت ۽ ان جي گهرائي بابت بہ ڪنهن کي پروڙ نہ پئجي سگهي.

**تعبد**

عبدالعزيز: "عزيز" جو ٻانهو ان کي چون ٿا، جنهن تي الله پنهنجي اسم "عزيز" سان تجلي فرمائي هجي. پوءِ دنيا جهان جي ڪا بہ شيءِ ان تي غالب نہ ٿي سگهندي، بلڪ اهو پاڻ هر شيءِ تي غالب رهندو.

ايڊيٽوريل
چيف ايڊيٽر

# ”اشرافيہ طبقي“ مان ڇوٽڪارو ڪڏهن ملندو!

ڪنهن بہ قوم ۾ هڪ عوامي طبقو هوندو آهي. اهو عام انسان تي مشتمل هوندو آهي. اهو طبقو عام طرح ڌتڙيل، بڪايل، زندگي جي نعمتن کان محروم، افلاس ۽ غربت جو ماريل ۽ غلامي واري زندگي گذاريندڙ طبقو هوندو آهي. عملي طور تي ان جا ڪي بہ حق نہ هوندا آهن، البتہ ان کي چاڪري ڪرڻ تي لڳايو ويندو آهي. اهو بدنصيب طبقو صدين کان هلندو پيو اچي. هر دور ۾ هر ملڪ ۾ موجود هوندو آهي. هڪ ٻيو طبقو قوم ۾ پيدا ٿيندو آهي ان کي ”اشرافيہ طبقو“ چيو ويندو آهي. اهو طبقو حڪمرانن، هٿياربندن، دولتمندن، سردارن، نوابن ۽ مراعات يافتہ انسانن تي مشتمل هوندو آهي. دنيا جون سڀ نعمتون، عيش آرام جا سڀ وسيلا، عهدن ۽ اختيارن جي مالڪي، قانون ٺاهڻ، حڪم هلائڻ، عوام تي حڪمراني ڪرڻ، غريبن کي نپوڙڻ، انهن سان ظلم زيادتي ڪرڻ، انهن کي دنيوي وسيلن کان محروم رکڻ، بکن، ڏکن ۽ مصيبتن ۾ ڪين زندگي گهارڻ تي انهن کي مجبور ڪرڻ، هن طبقي جو شيوو هوندو آهي. ڪنهن قوم جو اشرافيہ طبقو ئي حقيقت ۾ ظالم، بدڪردار، سماج دشمن ۽ عوام جو استحصال ڪندڙ ليکيو ويندو آهي. حڪومتون اهي هلائيندا آهن، معاشي وسيلن تي انهن جو قبضو هوندو آهي، ظلم ۽ ناانصافي انهن جي طرفان ٿيندي آهي. اشرافيہ طبقو، مذهبي حلقن مان بہ اهڙا ماڻهو چونڊيندو آهي جيڪي دين ۾ گهٽتائي ۽ واڌارو ڪري انهن لاءِ هڪ اهڙو جڙتو مذهب ٺاهيندا آهن، جنهن کي اختيار ڪري هو پاڻ کي ديندار بہ چورائڻ لڳندا آهن. ملوڪيت جو جواز، خانداني حڪومت جو جاري رکڻ، ڊڪٽيٽرشپ ۽ آمريت کي خلافت سان جوڙڻ، ذاتي ملڪيت جا انبار جمع ڪرڻ، انساني مردن ۽ عورتن کي غلام ۽ ٻانهيون بڻائي رکڻ، جاگيرداري ۽ سرمايہ داري جي پشت پناهي ۽ ان قسم جي تصورن ۽ خيالن کي مذهب جي سند ڏيئي اشرافيہ طبقي کي مدد مهيا ڪرڻ ۽ انهن کي عوام تي زوري ٺاقڻ جي ڪوشش گذريل ڪيترين صدين کان ٿيندي پئي اچي. پاڪستان، اشرافيہ طبقي جي پيداوار آهي. سامراجي دور ۾ اهو طبقو خاص طرح سيني لوازمات سميت جوڙيو ويو. پاڪستان جون سياسي پارٽيون اشرافيہ طبقي لاءِ ”سياسي ڪلب“ جي حيثيت رکن ٿيون. ان طبقي جي مفادن لاءِ ڪم ڪن ٿيون. ان طبقي جي لوٽ ڪسوٽ، ڪرپشن ۽ ذاتي مفادن جي پوري ڪرڻ لاءِ سياسي پارٽيون ٺاهيون وينديون آهن ۽ اهو ڪم آهي خيرخوبي سان سرانجام ڏينديون ٿيون رهن. عوام جو تہ انهن پارٽين سان ڪوبہ تعلق، پاليسين ۽ منصوبہ بندي جي پهلو سان نہ هوندو آهي. اهي ستمگر عوام کي مذهب، برادري، شخصي ۽ نفسياتي پروپيگنده ۽ دولت جي آڌار تي استعمال ڪندا ٿا رهن. عوام جو ڪردار بہ معقوليت تي مبني نہ هوندو آهي. هو ٽڳجن ٿا، دوکو کائن ٿا، وڏن ماڻهن جون جتيون پالش ڪن ٿا، درٻارن ۾ اچڻ وڃڻ ۾ جتيون گسائن ٿا. مگر ڪين ڪڏهن بہ



هوش نٿو اچي. تبديلي جو ذرو بہ احساس منجهن پيدا نٿو ٿئي. مترفين، مستڪبرين ۽ ظالمن جو جيڪي قومون ساٿ ڏينديون آهن، اهي ذلت ۽ تباهي جو شڪار بڻجي، نيٺ غلامي جي دور ۾ پهچي صفحہ هستي تان مٽجي وينديون آهن. ان رويي ۾ عوام جو وڏو دخل رهيو آهي. قرآن مجيد جي تعليم ۽ تاريخ جي گواهي ٻڌائي ٿي تہ هر دور ۾ عوام ظالمن جو ساٿ ڏنو آهي. ظالم قوتن جي حمايت ڪئي آهي. حق جي طرف سڏيندڙن ۽ قومي مصلحن کي ڪوڙو سمجهي، انهن خيرخواهن ۽ همدردن کي ٺڪرايو ويو آهي. فرعون، قارون، هامان، نمرود، شداد، ابولهب ۽ ابوجهل جو هر دور ۾ عوام ساٿ ڏنو، پوءِ جڏهن اهي مڪافات عمل جي نتيجي ۾ عذاب جو شڪار بڻيا ۽ شڪست کاڌائون تہ پوءِ عوام جون اکيون کليون، پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري، بي شرمي سان حق کي طوعاً يا ڪرهاً قبول ڪرڻ لڳا.

پاڪستان جو عوام بہ اهڙي صورتحال سان لاڳاپيل آهي. سٺ سالن کان جيڪي اشرافيہ طبقي جا مراعات يافتہ ۽ انگريز جا پڙهيل ۽ لڪايل ساٿاري هن ملڪ تي واري واري سان قبضو ڪندا ٿا اچن. ڇا عوام انهن کان بيزاري جو اعلان ڪري ٿو يا وري انهن جا نعرا هڻندي انهن مدارين کان ڦربو ۽ لٽبو رهي ٿو. جيستائين استعمار جو شعور حاصل نہ ٿيندو تيستائين غلامي مان ڇوٽڪارو نہ ملندو ۽ نہ ئي اسان ”آزاد قوم“ چورائڻ جو حق رکي سگهون ٿا.

---

## مذهب جو دڪان

مولانا ابوالڪلام آزاد رحہ فرمايو:

”مذهب جي دڪاندارن، جهالت، تقليد ۽ تعصب ۽ هوا پرستي (ذاتي مفاد) جو نالو مذهب رکيو آهي. روشن خيالي ۽ جدت جي ٻوڏ جي وهڪري ۾ وهي ويندڙ عقل جي انڌن وري الحاد ۽ ڇڙواڳي کي اجتهاد ۽ حڪمت جو نالو ڏيئي مڪر ۽ فريب جو ڏيک ڏنو آهي. نہ مدرسي ۾ علم آهي، نہ مسجد جي منبر ۾ اخلاص ۽ نہ ئي وري ملي ٿو ميڪدي ۾ صاف ۽ روشن دل وارو ڪو رند. پر سچائي ۽ صداقت وارا انسان الڳ آهن. انهن جو رستو ٻيو آهي.“ (تذڪره)

***

مولانا عبيدالله سنڌيءَ رحہ جن فرمايو:

”شاهہ ولي الله ۽ اڳين حڪيمن ۾ هي فرق آهي تہ اڳيان چوندا آهن تہ ”ائين ٿيڻ ممڪن آهي.“ پر شاهہ صاحب چوندو آهي تہ ”ائين ٿيڻ ضروري آهي.“
(امالي عبيدالله سنڌي)

محمد انس راڄپر

# انساني عملن ۾ انساني اختيار ۽ ارادو

قرآن شريف ۾ ڪيترين ئي آيتن مان ائين معلوم ٿيندو آهي، تہ انسان جا ڪم جهڙوڪ: هدايت، گمراهي، نيڪي ۽ بدي انسان جي پنهنجي وس ۾ ڪانهي، الله جي وس ۾ آهي. ان جي مرضي جنهن کي هدايت ڪري، جنهن کي گمراه ڪري، جنهن کي نيڪيءَ جي توفيق ڏئي، جنهن کي برائيءَ جي.

ٻئي پاسي قرآن ۾ اهو ٿو ڏسجي تہ الله تعاليٰ ڪيترن ئي عملن جي ڪرڻ جي انسان کان گهر ڪئي آهي، جيئن فرمان آهي: ”اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ“ (الله تي ايمان آڻيو) يا جيئن: ”وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ“ (نماز قائم ڪريو)، ”وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ“ (زڪوات ادا ڪيو)

ساڳئي وقت الله تعاليٰ انسان کي ايمان ۽ هدايت قبول نہ ڪرڻ جي صورت ۾ عذاب جو مستحق بہ قرار ڏنو آهي. جيئن فرمان آهي: وَّ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ (انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي) وغيره.

جيڪڏهن هدايت ۽ گمراهي، نيڪيءَ ۽ بديءَ ۾ انسان جو ڪوبہ اختيار ۽ وس ڪونہ ٿو هلي تہ پوءِ انسان کان انهن جي الله گهر ڇو ڪئي آهي ۽ ڇو انهن کي هدايت قبول نہ ڪرڻ ۽ صالح عمل نہ ڪرڻ تي عذاب جو مستحق قرار ڏنو آهي.

هن مسئلي تي علم ڪلام جي نقطہ نظر کان بہ بحث ڪري سگهجي ٿو. پر هتي اسان مسئلي تي لغت ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان بحث ڪريون ٿا. جنهن کان پوءِ هن موضوع سان تعلق رکندڙ قرآن جون آيتون سمجهڻ بہ آسان ٿي پونديون. ۽ مسئلي جي نوعيت بہ سمجهہ ۾ اچي ويندي. عربي لغت ۽ ٻوليءَ جي امام، امام راغب اصفهاني لکيو آهي تہ: انسان جيڪي ڪم ڪري ٿو ان جا ٻہ پهلو آهن، هڪ پهلو هيءُ آهي تہ اهو ڪم ڪرڻ وارو ڪير آهي. ان لحاظ کان چئبو آهي تہ فلاڻي هيءُ ڪم ڪيو، فلاڻي نہ ڪيو. ٻيو پهلو هوندو آهي تہ اهو ڪم ڪنهن جي طرفان ساڄهہ، توفيق ۽ سگهہ ملڻ سان ٿيو ۽ اهو ڪم انسان لاءِ ڪنهن آسان ڪيو؟. هن لحاظ کان هر ڪم جو پهريون سبب الله آهي، ان ڪري چئبو تہ ان جو ڪرڻ وارو الله آهي. يعني جيڪڏهن ڪو هدايت يافتہ ٿيو تہ اهو ٻہ چئي سگهجي ٿو تہ: ”فلاڻو هدايت وارو ٿيو آهي“ ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ: ”فلاڻي کي الله هدايت ڏني آهي“.

مثال زيد ڪنهن کي ڪجهہ ڏنو تہ اهو بہ چوڻ صحيح آهي تہ: ”زيد ڏنو“. اهو چوڻ بہ صحيح آهي تہ: ”الله ڏنو“. هيءَ تہ ديني نقطہ نظر کان آهي پر امام راغب فرمائي ٿو تہ، هونءَ بہ انساني ڪمن جا ڪيترائي سبب ٿيندا آهن. ۽ انساني ڪم ٻوليءَ ۽ عام محاوري ۾ انهن سيني سببن ڏانهن منسوب ٿيندا رهندا آهن. امام راغب ان جا ڪيترائي مثال ڏنا آهن، اسان صرف هڪ مثال پيش ڪريون ٿا.

هڪ پکيءَ جي پرن مان ڪنهن ڪاريگر شاعر لاءِ بهترين نيزو ٺاهيو شاعر ان جي ساراهہ ڪندي چيو:



ڪست رايشها مضرحيہ

شڪاري پکيءَ ڪيس پنهنجا پر پهرايا آهن.

زرهہ پاتي تہ شاعر پاڻ هوندي پر ان جو هڪ سبب اهو پکي بڻيو، جنهن جي پرن سان زرهہ ٺاهي وئي، ان جو سبب ڪاريگر بہ هو پر شعر ۾ لطف پرڻ لاءِ ان جي نسبت پکيءَ ڏانهن ڪئي وئي.

ان طرح هدايت، گمراهي، برو يا ڀلو عمل انساني ڪم آهي، جيڪي انسان پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان ڪندو آهي پر انهن جي توفيق ۽ ساڄهہ الله وٽان ملندي آهي ان ڪري قرآن شريف ۾ ڪڏهن انهن انساني ڪمن جي الله طرف نسبت ڪئي ويندي آهي تہ ڪڏهن انسان ڏانهن ڪئي ويندي آهي. الله ڏانهن نسبت جو مطلب اهو نہ وٺڻ گهرجي تہ انسان کي ڪو پنهنجي ڪمن ڪرڻ جو ڪو اختيار ئي ڪونهي. بلڪ انسان جي هر ڪم جو انسان کي پورو پورو اختيار آهي، ان ڪري پنهنجي هر عمل جو انسان پاڻ ذميوار آهي. انسان پنهنجي ڪم جي ارادي، چونڊ ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪرڻ تي پورو وس رکي ٿو، ان ڪري ان جو پاڻ ذميوار بہ آهي. جيئن الله فرمايو آهي.

بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّ اَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓئَتُهٗ

(ها جنهن برائي ڪمائي ۽ سندس گناهن ڪيس گهيري ورتو)

ٻئي هنڌ آهي:

وَمَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَسَعٰى لَهَا سَعْيَهَا

(جنهن آخرت جو ارادو ڪيو ۽ ان لاءِ ان پنهنجون ڪوششون ڪيون)

ان ۾ صاف نظر پيو اچي تہ بري يا ڀلي ٻنهي جو ارادو ۽ ڪسب انسان جي اختيار ۾ آهي ۽ ان جو ذميوار بہ هو پاڻ آهي، ارادو ۽ ڪسب انسان پاڻ ڪندو آهي ان جي تڪميل جي سگهہ ۽ قوت انسان کي الله عطا ڪندو آهي. انسان جي مرضي آهي جهڙو بہ ارادو ڪري، الله ان کي هر ارادي ۽ ان جي ڪوشش ۾ تڪميل جي سگهہ عطا ڪندو آهي، برو ارادو ڪري يا چڱو. جيئن الله فرمائي ٿو:

كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ وَ هٰٓؤُلَآءِ مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ ؕ وَ مَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ۝

(هر ڪنهن جي اسان مدد ڪندا آهيون. اها تنهنجي رب جي عطا آهي ۽ تنهنجي رب جي عطا ڪنهن کان بہ جهليل ڪانهي)

قرآن ۾ الله بندن جي گمراه ڪرڻ جي بہ پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي آهي. جيئن: فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ“ (الله گمراه ڪندو آهي، جنهن کي گهرندو آهي.) اهو سمجهائيندي معجم الفاظ القرآن الڪريم واري لکيو آهي تہ: ”اضلہ“ جون ٻہ معنائون آهن:

1. جعله ضالا (ڪيس گمراهہ ڪيائين)
2. وجده ضالا (ڪيس گمراهہ لڌائين)

عربي محاوري مان ان جو مثال بيان ڪندي لکيو اٿس:

”يقال: احمدتہ وابخلتہ، اي وجدتہ محمودا وبخيلا

(چيو ويندو آهي ”احمدتہ وابخلتہ“ يعني ڪيس ساراهيل ۽ بخيل ڏٺم)

وڌيڪ لکي ٿو تہ: ”انهن ٻن معنائن ذريعي قرآن ۾ گمراهن جي گمراهيءَ جي الله ڏانهن

نسبت جو تفسير ڪرڻ ممڪن ٿي پيو آهي جيئن: فيضل الله من يشاءُ ۽ 'ومن يضلل الله فما له من هاد' جيڪڏهن 'اضلال الله' جي معنيٰ 'جعل' (گمراهه ڪرڻ) ونجي ته ان جو مطلب ٿيندو ته: الله انسان جي جبلت ان طرح ٺاهي آهي ته جڏنهن اهو سني يا خراب رستي جي رعايت رکندو ته الله ان سان سندس الفت وڌائيندو ۽ ان سان ڪيس لازم بنائي ڇڏيندو ۽ ان ڪان ان جو ڦرڻ يا ڦيرائڻ ناممڪن ٿي ويندو. اهو ان جي طبيعت ٿي ويندو. ان طرح گمراهه ڪرڻ جي نسبت الله ڏانهن ڪرڻ صحيح ٿي پوندي جنهن انسان جي جبلت ان طرح ٺاهي آهي."

هن بيان جي لحاظ ڪان گمراهه ڪرڻ جي الله ڏانهن نسبت ڪافر ۽ فاسق جي باري ۾ قرآن ۾ آئي آهي. ڇاڪاڻ ته اهي گمراهيءَ سان محبت ڪن ٿا. مومن جي باري ۾ نه آئي آهي، بلڪ الله مؤمن کي گمراهه ڪرڻ جي پاڻ ڏانهن نسبت ڪان انڪار ڪيو آهي.. جيئن فرمان آهي:

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ قَوْمًا بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ

(الله کي نه ٿو جڳائي ته ڪنهن قوم کي انهن جي هدايت واري ٿيڻ ڪان پوءِ گمراهه ڪري)

الله جو ڪنهن جي دلين کي ڦيرائڻ، دلين تي مهر هڻڻ، دل جي بيماري کي وڌائڻ به ان طرح آهي، ته الله تعاليٰ ڪافر ۽ فاسق جي گمراهيءَ سان محبت جي ڪري ان جي دلين کي گمراهي ڏانهن ڦيرائي ٿو ڇڏي يا ايمان قبول ڪرڻ ڪان انهن جي دلين تي تالا هڻي ٿو ڇڏي يا انهن جي دل جي بيماري وڌائي ٿو ڇڏي.

ان اصول تي الله تعاليٰ جي قرآن ۾ هن فرمان کي سمجهڻ گهرجي. فرمان آهي:

خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ ؕ وَعَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ ۫ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٧﴾

(الله انهن جي دلين ۽ ڪنن تي مهر هڻي ڇڏي آهي. ۽ انهن جي اکين تي بردا آهن ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.)

ان جو مطلب به اهو آهي ته جيڪي ماڻهو هٺ، ضد ۽ دشمني ۾ اچي ويندا آهن ته الله انسان جي جبلت ٺاهي آهي ته هٺ ۽ ضد جي ڪري اهي صحيح ۽ حق ڳالهه سمجهڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي صلاحيت ڪان ئي محروم ٿي ويندا آهن. ان قانون تحت انهن جي دلين تي مهر لڳڻ جي نسبت انسان جي جبلت ٺاهڻ واري الله ڏانهن ڪري سگهجي ٿي پر ان جو اهو مطلب نه ورتو ته اهو ڪو الله مرضي سان ڪيو آهي بلڪ ان جوسبب خود انسان پاڻ آهي. اها ڳالهه هن آيت مان وڌيڪ چٽي ٿئي ٿي جنهن ۾ آهي ته ڪافرن چيو: قلوبنا غلف" (اسان جون دليون تالي لڳل آهن) ته الله تعاليٰ کين جواب ۾ چيو: بل طبع الله عليها بکفرهم" (بلڪ الله انهن تي انهن جي ڪفر جي ڪري مهر هڻي ڇڏي آهي) هن آيت ۾ مهر هڻڻ جي الله پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي آهي، پر ان جو سبب ٻڌايو آهي ته انهن جي ڪفر جي ڪري الله انهن تي مهر هڻين آهي. جنهن مان ثابت ٿيو ته ان جو اصل سبب خود انسان جو پنهنجو فعل آهي.

ڳالهه جو آخري نتيجو اهو ته هدايت توڙي گمراهي انسان جي پنهنجي ارادي ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي. الله فرمائي ٿو: والذين جاهدو فينا لنهدينهم سبلنا

(جيڪو اسان ڏانهن اچڻ جي ڪوشش ڪندو ان کي اسان پنهنجا رستا کولي ڏيکاريندا سين)

اهڙيءَ طرح گمراهي به انسان جي پنهنجي اراديءِ ڪوشش جو نتيجو آهي جيڪي گمراهيءَ ڏانهن رغبت رکندا آهن، تن جي گمراهيءَ کي الله تهائين وڌائي ڇڏيندو آهي.



**مولانا محمد سليمان طاهر انڙ**

# سڌي واٽ جي تلاش

دنيا ۾ هر هڪ ماڻهو، صحيح ۽ غلط جي متعلق هڪ خيال رکي ٿو. ان ڪري انهن ٻنهي شين جا هر ماڻهو وٽ الڳ الڳ ماپا آهن. انهن ماپن جو هڪ ٻي سان ٽڪراءُ پڻ موجود رهي ٿو. اهي اختلافي سوچون معاشري ۾ تعصب، ڇڪتاڻ ۽ انتقامي روڳ پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿيون. ڪنهن شخص کي ڪنهن شخصيت پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي، ڪنهن کي وري ڪنهن ڪتاب مان رهنمائي ملي آهي. ڪنهن کي ڪنهن سياستدان ۽ حڪمران جي گڻ قيدي بڻائي ڇڏيو آهي. ڪو وري ڪنهن مرشد جي ڪرامتن ۾ ڦاٿل نظر پيو ايندو. ڪي ته اهڙا تقليدي ذهن به اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندا جو "چلو تم ادهر کو هوا هو جدهر کي" جو پيمانو ٺاهي ڪڍ لڳڻ، ئي سندن مشغلو هوندو آهي.

سڌي واٽ جي تلاش ۾ انسان جو ڀٽڪندو رهڻ سندس پرائي ڪمزوري رهي آهي. انسان کي اها سوچ گهٽ ئي نصيب ٿئي ٿي ته هو هلاڪت ۽ بربادي ڪان بچڻ لاءِ پنهنجي پالڻهار ۽ پيدا ڪندڙ سان رابطي ۾ اچي. رحم ۽ ڪرم جي چادر ڍڪائيندڙ، ٻاجهاري مهربان جي سچن ۽ مخلص نمائندن (پيغمبرن ۽ رسولن) جي پيغام ڏانهن ڀرپور توجهه ڪري. انهن آسماني ڪتابن ۽ صحيفن مان هدايت حاصل ڪري جيڪي رهنمائي لاءِ موڪليا ويا آهن. اسلام ۽ قرآن کي پنهنجي زندگي لاءِ اڳواڻ قرار ڏي جيڪي هن جي لاءِ خاص طرح نازل ڪيا ويا آهن. آخرت واري حياتي کي پنهنجو ابدي گهر سمجهي، جنت کي حاصل ڪرڻ ۽ دوزخ جي عذاب ڪان بچڻ پنهنجي منزل قرار ڏئي ڇڏي. جڏهن هدايت جو رستو انهي جڳهه تان تلاش ڪندو ته يقيني طرح هو هدايت تي پهچي ويندو ۽ پوءِ هو انهن سيني رستن ڪان بيزار ٿي ويندو جن جي ذريعي هو فريب مڪر تباهي، بربادي ۽ دنيا آخرت جي عذاب جي آڙاهن ۾ گرفتار ٿي سگهي ٿو. فقط اهي انسان سڌي واٽ تي پهچي سگهن ٿا جن قرآن ميجد کي پنهنجو رهنما بڻايو آهي. انهن ماڻهن کي ئي دنيا ۾ راحت ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي ۽ جنت ۾ رهڻ جا حقدار قرار ڏنا ويندا.

سڌي واٽ تي هلڻ لاءِ سڀ ڪان وڌيڪ اهميت واري ڳالهه اها آهي ته انسان جو ايمان مضبوط هجي. جيڪو ماڻهو سچي دل سان يقين رکي ته هن جو پيدا ڪندڙ، پاليندڙ، آسمانن ۽ زمين جو ٺاهيندڙ، مخلوق جو هلائيندڙ چلائيندڙ، انسانن کي حياتي ڏيئي پوءِ انهن کي ماريندڙ ۽ ٻيهر جياريندڙ، قيامت جي ڏينهن جو مالڪ ۽ فيصلا ڪندڙ اڪيلو معبود برحق ذات خداوند قدوس الله رب العالمين آهي ۽ مخلوق جي پيدا ڪرڻ جو مقصد سندس عبادت، فرمانبرداري ۽ ان جي حاڪميت کي تسليم ڪرڻ ۽ ان جي عملي حاڪميت کي قائم ڪرڻ لاءِ جهاد ڪرڻ ئي ايمان جي تقاضا ۽ نيڪ بختي آهي ته پوءِ پڪ سمجهو ته اهڙو انسان هدايت جي سڌي واٽ تي پهچي ويو ۽ هو صراط مستقيم تي هلي رهيو آهي. ان وٽ تي هلڻ وارو انسان خدا، قرآن ۽ قيامت تي اهڙو پڪو ويساهه رکندو آهي جو ان کي ڪڏهن به حياتي جي ڪنهن لمحي ۾ شڪ نه پيدا ٿيندو آهي. شڪ جي اچڻ سان نفاق پيدا ٿيندو آهي. ۽ پوءِ ان جي سرحد ڪفر جي ويجهو ٿي ويندي آهي.

اسان جي معاشري ۾ ڪيترا انسان موجود آهن، جيڪي پاڻ کي "اهل ايمان" ۾ ڳڻن ٿا پر

انهن جي دلين ۾ انهن بنيادي عقيدن جي متعلق شڪ ۽ وهم موجود رهن ٿا. جڏهن اهڙا ماڻهو حق جي انڪاري وڌائي خورن ۽ دولت مندن جي ڪچهرين ۾ ويهندا آهن تہ اتي خدا ۽ اسلام تي چٽرون ڪيون ويندون آهن ۽ انهن جو مذاق اڏايو ويندو آهي تہ هي ماڻهو خاموشي سان ٻڌندا آهن ۽ پوءِ انهن جي اثر هيٺ اچي ايمان کان محروم ٿي ويندا آهن ۽ آهستي آهستي خدا ۽ اسلام جا دشمن بڻجي ويندا آهن. حق کان محرومي وڏي بدبختي آهي ۽ جڏهن تہ حق جي واٽ تي هلڻ وڏي خوش قسمتي آهي. قرآن مجيد ٻڌائي ٿو تہ: وَّ لِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَيُؤْمِنُوْا بِهٖ فَتُخْبِتَ لَهٗ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (سورت الحج 54) ”ڄاڻ رکندڙ ماڻهو ان نتيجي تي پهچي ويندا آهن تہ اهي ڳالهيون پالڻهار جي طرفان حق سچ آهن پوءِ هو ان تي يقين رکندا آهن ۽ انهن جون دليون ان حق لاءِ جهڪي ونديون آهن. يقيني طرح الله تعاليٰ يقين رکندڙن کي سڌي واٽ جي طرف رهنمائي فرمائيندو آهي. “

جيڪي انسان فرمانبرداري جي مڪمڪل جذبي سان الله تعاليٰ سان ڳنڍجي ويندا آهن. اها ڳالهہ ثابت ڪري ٿي تہ هو سڌي واٽ (صرات مستقيم) تي قائم آهن. ڇو تہ جيڪو شخص الله تعاليٰ تي يقين رکي ٿو ۽ قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب اوري لمحي کان خوف رکي ٿو تہ ان کي دنيا جي رنگينين ڏانهن هرگز رغبت نٿي ٿي سگهي. هو تہ هر وقت خدا تعاليٰ جي خوشنودي جو طالبو هوندو ۽ جنت جي حقيقي نعمتن ڏانهن متوجهہ رهندو. هتان جون ٿوري وقت جون خوشيون هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نہ سگهنديون.

خدا تعاليٰ جو رضامندو، جڏهن زندگي جو اڪيو مقصد بڻجي وڃي تہ پوءِ مؤمن سمورا ڪم خدا جي مرضيءَ مطابق ڪندو اهي ۽ هر ڪم ڪرڻ کان اڳ اهو پيو سوچيندو تہ منهنجو پيارو سائين ان ڪم ڪرڻ ۾ خوش ٿيندو يا ناراض ٿيندو. پوءِ خوشي وارا ڪم پورا ڪندو ۽ ناراضي وارن ڪمن کان ڪوهين پري ويندو.

قرآن مجيد ٻنهي ڪردارن تي روشني وجهي ٿو وَ كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ وَ اَنْتُمْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ اٰيٰتُ اللّٰهِ وَ فِيْكُمْ رَسُوْلُهٗ ؕ وَ مَنْ يَّعْتَصِمْ بِاللّٰهِ فَقَدْ هُدِيَ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (سورت آل عمران 101) ”توهان لاءِ انڪار ڪرڻ جي ڪا بہ گنجائش نہ رهي آهي. اوهان تہ الله تعاليٰ جون آيتون پڙهيون وڃون آهن. اوهان ۾ الله جو رسول موجود آهي (جيڪو چٽي طرح توهان کي سمجهائي رهيو آهي) پر ان جي مقابلي ۾ جيڪي شخص الله تعاليٰ سان ڳنڍجي وڃن ٿا پوءِ انهن کي الله تعاليٰ سڌي واٽ جي بهترين رهنمائي ڪري ٿو“

قرآن مجيد وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ: كَبُرَ عَلَى الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ؕ اَللّٰهُ يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ (سورت الشوريٰ 13) ”مشرڪن کي ايمان ۽ يقين جي ڪيفيتن ڏانهن جيڪا دعوت ڏيئي رهيا آهيو اها انهن لاءِ ڳري پٿر جي بوجهہ وانگر مٿن ڪري رهي آهي. الله تعاليٰ تہ جن لاءِ چاهيندو آهي انهن کي سعادت لاءِ چونڊيندو آهي ۽ هو انهن لاءِ هدايت جو انتظام ڪندو آهي جيڪي ان ڏانهن پهريائين متوجهہ ٿيندا آهن“

جيڪي انسان ايمان جي ڪيفيت سان پاڻ کي گناهن کان پاڪ رکندا آهن ۽ پنهنجي اخلاقي سکيا لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا آهن تہ الله تعاليٰ انهن کي وڌيڪ توفيق بخشيندو آهي. خدا انهن کي شامل ڪري ڇڏيندو آهي. مگر اهڙي اطاعت ۽ فرمانبرداري لاءِ انسان ۾ عجز ۽ انڪساري جو هئڻ پهريون شرط آهي. نرم دل رکندڙ، معاف ڪندڙ ۽ همدرد انسان ئي ”تقويٰ“ ڏانهن وڌي سگهي ٿو. تقويٰ دل جي هڪ ڪيفيت جو نالو آهي. تقويٰ جو پوري جو پورو تعلق دل سان ڳنڍيل آهي. ايثار، قرباني، انفاق، همدردي، نرم دلي، حُسن اخلاق، خدا خوفي ۽ هر ڪم ۾ مڪمل



عبديت جو اظهار تقويٰ جون علامتون ۽ نشانيون آهن. جيڪو شخص انهن وصفن کان محروم آهي اهو تقويٰ کان پوري طرح محروم آهي. تقويٰ جي صفتن کان محرومي ايمان جي محرومي تائين پهچي وڃي ٿي. الله تعاليٰ وٽ اهڙو ايمان معتبر آهي. جيڪو تقويٰ سان سينگاريل هجي. قرآن مجيد ايمان ۽ تقويٰ کي هڪ ٻئي لاءِ لازمي تصور ڪري ٿو.

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰٓى اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ (الاعراف 96) ”جيڪڏهن ڳوٺن وارا ماڻهو ايمان ۽ تقويٰ سان سينگاريل هجن ها تہ انهن جي مٿان آسمان ۽ زمين مان برڪتون ۽ رزق جي ڪشاگي جا دروازا کولي ڇڏيون ها. پر انهن توحيد جي دعوت کي ڪوڙو سمجهو ۽ انڪار ڪيو تہ پوءِ سندسن عملن سبب انهن کي عذاب ۾ گرفتار ڪيوسون.“

انسان جي اندر هڪ فيصلي واري قوت رکي وئي آهي جيڪا گناهہ جي متعلق ڇٽو شعور رکي ٿي ۽ گناهہ کان بچڻ جي رستن کان بہ ڄاڻ رکي ٿي. انسان کي بد ڪرداري ۽ آلودگين ۾ ڦاسائڻ ۾ سندس نفس جو اهم حصو آهي. نفس جي ان داخلي ڪيفيتن متعلق آگاهہ ڪيو ويو تہ: وَ نَفْسٍ وَّ مَا سَوّٰىهَا ۞ فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَ تَقْوٰىهَا ۞ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۞ (سورت الشمس 7-8-9) ”نفس کي سنواريوسون پوءِ ان ۾ نيڪي بڇڙائي جي سمجهہ وڌي سون. ڪامياب آهي اهو شخص جنهن نفس کي پاڪ ڪيو ۽ نامراد آهي اهو شخص جنهن نفس کي آلودگين ۾ ڦاسايو“

نفس انسان لاءِ هڪ وڏي آزمائش آهي. انسان کي بڇڙن ڪمن ۽ نافرمانين ڏانهن ڇڪيندو رهندو آهي. ان اعتبار سان انسان جو وڏو دشمن آهي هي انانيت پسند، حريص، لالچي ۽ خود غرض هوندو آهي. پنهنجن خواهشن کي پوري ڪرڻ جون راهون تلاش ڪندو رهندو آهي. ڪيس پنهنجن ذاتي مفادن جو اونو هوندو اٿس. جيئن تہ اهي سموريون شيون جائز ذريعن سان پوريون نہ ٿينديون آهن ان ڪري نفس، انسان سمورا هٿيار استعمال ڪرڻ لاءِ پڙڪائيندو رهندو آهي.

حضرت يوسف عليہ السلام جي ذريعي نفس جي ان ڪيفيت کي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي. وَ مَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (سورت يوسف 53) ”مان پنهنجي نفس جي پاڪدامني نٿو ڪريان ڇو تہ نفس تہ انسان کي بڇڙي ڪم تي پڙڪائيندو رهندو آهي. سواءِ ان شخص جي جنهن تي پالڻهار رحم ڪري، منهن جو پالڻهار بخشيندڙ ۽ مهربان آهي“

ان راز تان پردو ڪڻڻ ۽ اهل ايمان کي واقف ڪرڻ تہ نفس هر وقت انهن کي نافرمانين ڏانهن ڇڪيندو رهي ٿو. وڏي اهميت جي ڳالهہ آهي. انسان کي سمجهڻ گهرجي تہ سڌي واٽ کان هٽائڻ لاءِ نفس جون رٿائون ڪيتري قدر هلاڪت واريون ٿي سگهن ٿيون. هو هر وقت انسان کي پٺتيءَ تان لاهڻ لاءِ شرارتون گهڙيندو رهندو آهي. ۽ هو ڪڏهن بہ وقفو نٿو ڪري. هر لمحي تاڙ ۾ رهندو آهي تہ ڪڏهن ۽ ڪهڙي نموني انسان کي ڪنهن کڏ ۾ ڪيرائي هميشہ لاءِ برباد ڪري ڇڏي.

نفس جي اصلاح ۽ سکيا لاءِ ضروري آهي تہ نفس جي خواهشن کي ٽڪرائي ضمير جي فيصلي تي عمل ڪيو وڃي. نفس جن لذتن ۽ دنيا پيروري ڏانهن ترغيب ڏئي تہ ان جي مخالفت ڪري ايثار، قرباني، انفاق، همدردي، ٻانهن جي حقن ۽ خدا جي اطاعت وارن عملن ۾ جنبي وڃڻ گهرجي. ان طرح سان سڌي واٽ تي قائم رهڻ آسان ٿي ويندو ۽ شيطفان راهن کان بچڻ سولو ٿي پوندو.

**مولانا عبيدالله سنڌي**
**سنڌيڪار: عبداللطيف نانگراج**

# شاھ ولي الله جو نظريہ ء انقلاب

تمدن، (گڏجي سڏجي ڪري رهڻ) انسان جي "بحيثيت انسان" جي فطري گھرج آهي. سماجي جوڙجڪ لاءِ انسان ڪنهن خارجي ذريعي جو محتاج ناهي، بلڪ قدرت ان جي بيهڪ ئي اهڙي رکي آهي جو اهو معاشري ڪان سواءِ رهي ئي نٿو سگهي ۽ ان سان گڏ الله تعالىٰ، انسان جي اندر جيڪي صلاحيتون ۽ قوتون (Abilities) امانت رکيون آهن، انهن جو نکرڻ ۽ اُجاگر ٿيڻ سماج ۾ ئي رهي ڪري ٿي سگھي ٿو.

تنهن ڪري شاھ صاحب ارتفاق جي باب ۾ هي بحث ڪيو آهي تہ جيڪڏهن ڪو مرد ۽ ڪا عورت ڪنهن هڪ جزيري يا ٻيٺ ۾ زندگي گذاري رهيا هجن تہ ضرور اهي پاڻ ۾ ملندا ۽ انهن جو اولاد ٿيندو، جيڪي اڳتي هلي پنهنجو پاڻ ئي ڪنهن خارجي مدد ڪان سواءِ معاشرو جوڙيندا. (حجة الله البالغہ 1/500 زمزم پبلشرز، بدور بازغہ ص 31/230)

انساني معاشرو ايستائين صالح ۽ سٺو رهندو آهي جيستائين ان ۾ رهندڙ اڪثر انسانن جون ابتدائي بنيادي ضرورتون (Elementary Natural Needs) آسانيءَ سان پوريون ٿين. پر جيڪڏهن انهن ۾ حد ڪان وڌيڪ معاشي اڻ برابري آهي جو هڪ طبقي وٽ تہ سڀ ڪجھ آهي، پر ٻيو طبقو ڪائڻ ۽ پهرڻ جي قابل بہ نہ آهي. تہ اهڙو معاشرو تباھ ۽ برباد ٿي ويندو. اهڙي صورتحال معاشري ۾ تبديليءَ جو جواز فراهم ڪندي آهي. پوءِ انقلاب اٽڙ ٿي پوندو آهي.

شاھ صاحب جي نظر ۾ محنت ڪش (ڪمائيندڙ) جي ڪمائيءَ تي "ڪائو طبقي" جو قبضو ۽ ڏاڍ شريعت جي خلاف آهي. ايئن ئي ڪمائيندڙ طبقي منجهان هڪ گروھ جو ٻئي جي حصي کي ڦٻائڻ بہ ناجائز آهي.

طبقاتي سماج، انقلاب لاءِ جواز فراهم ڪندو آهي. تنهن ڪري اهڙي سماج ۾ هڪ طبقو انقلاب جو داعي بڻجي اٿندو آهي ۽ ٻيا ان جا معاون ۽ مددگار ٿي پوندا آهن.

هر انسان کي پاڻ محنت ۽ مشقت ڪري ڪائڻ گهرجي. (پر جيڪڏهن ڪو معذور آهي تہ اها ٻي ڳالھ آهي.) پنهنجو رزق پاڻ پيدا ڪرڻ، انسان جي سماجي ذميواري بہ آهي تہ ان جي طبعي جذبي جي تقاضا بہ. (ڇو تہ ٻين جي ڪمائيءَ تي رهڻ يا ٻين جي آڏو هٿ ٽنگڻ انسان جي خودي (Self) جي منافي آهي.)

هڪ خاندان ۾ جيڪڏهن ڪمائيندڙ گھٽ ۽ ڪائيندڙ گهٽا آهن تہ اهو گھر اڄ يا سڀاڻي ضرور جهيڙن جهٽن جو ميدان بڻجي تباھ ۽ برباد ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن سماج ۾ ڪمائيندڙ گھٽ ۽ ڪائيندڙ گهٽا آهن تہ اهو معاشرو بہ هڪ اهڙي مرض ۾ ورتل ڇئبو جنهن جو ختم ٿيڻ ضروري آهي. ايئن ئي جيڪڏهن ڪمائيندڙ گهٽا آهن پر انهن جي ڪمائي تي مفت ڪائيندڙن جو قبضو آهي، يعني محنت ڪندڙ کي پنهنجي محنت جو صحيح ۽ پورو



بدلو ۽ اجورو نٿو ملي بلڪ ان تي منتظم طبقي جو جبر ۽ ڏاڍ آهي، تہ اهڙي معاشري جو بہ بچڻ نظر نٿو اچي.

(مطلب تہ معاشري جي صحيح ترقي لاءِ، زندگيءَ جي رهڻي ڪهڻي ۾ ڪنهن حدتائين برابري جو هجڻ لازمي آهي.) ڇو تہ معاشري ۽ انسانيت جي هلاڪت ۽ فساد جو وڏو سبب طبقاتي سسٽم آهي. اهڙي سماج ۾ نہ رڳو غربت، مفلسي ۽ فقيري وڌي ٿي پر اتي عام اخلاقي خوبيون بہ ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ ڪردار بگڙجي وڃن ٿا. تنهن ڪري اسان اهو تسليم ڪيون ٿا تہ انسانيت جا "اخلاق صالح" گهڻي حدتائين ان جي معاشي حالتن سان جڙيل آهن.

پر سوال هي آهي تہ انسان جي اندروني قوتن ۽ اخلاقن کي ڪيئن سڌارجي ۽ بهترين ڪردار ڪيئن پيدا ڪجن؟ بيشڪ اسان چاهيون ٿا تہ انسان جون بنيادي ضرورتون آسانيءَ سان پوريون ٿين، پر گڏوگڏ انسانيت جي ان جوهر (حجربحت) کي اجايل رکڻ بہ تباهي ۽ هلاڪت جو سبب آهي، جنهن جي نشونما صالح فڪر (۽ خدا جي ياد) جي غذا سان ٿيندي آهي. نتيجي ۾ عام انساني تقاضائن جي مطابق عمل ظاهر ٿيندا آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ ڪوبہ نظام هڪ بهترين اخلاقي ۽ صالح فڪري نظريي ڪان سواءِ مستحڪم ۽ پائيدار ٿي ئي نٿو سگهي. تنهن ڪري اسان جتي سرمايي پرستن تي اهو الزام لڳائيندا آهيون تہ انهن معاشري جي هڪ وڏي حصي جو معاشي استحصال (Exploitation) ڪري انهن کي حيوانن جهڙو ڪري ڇڏيو آهي، اتي انهن تي اهو الزام بہ آهي تہ انهن سماج جي گهڻي طبقي کي هن لائق ڇڏيو ئي نہ آهي تہ اهي پنهنجن اخلاقن کي سڌاري، بهترين ڪردار بنجي پون ۽ انهن مان اهي عمل نڪرن جيڪي عام انساني تقاضائن مطابق هجن. ان لحاظ ڪان ڏٺو وڃي ٿو تہ سرمائيدار جو قصور ٻيڻو ٿي وڃي ٿو.

طبقاتي سماج ۾ وڏي مصيبت وري هيءَ هوندي آهي تہ (انسان ۾ مفت خوري ۽ محنت ۽ مشقت ڪرڻ ڪان سواءِ ڪائڻ جا جذبا پختا ٿي ويندا آهن، تنهن ڪري) ان معاشري جا گهٽا ماڻهو وري پنهنجن صلاحيتن کي رذيل ۽ خسيس ڪمن ۾ استعمال ڪري انهن جو ستياناس ڪري ڇڏين ٿا. جيئن ٻين جي خوشامند ۽ چاپلوسي کي پنهنجو معاشي وسيلو بنائڻ، اهو مرض اڳتي هلي الله ڪان سواءِ ٻين جي غلامي ۾ جڪڙي ڇڏيندو آهي. هن منزل تي اچي ڪري "نفس ناطق" جون ذاتي خوبيون سڀ تباھ ٿي ويندي‌ون آهن ۽ انساني معاشرو فتنن ۽ جهيڙن جو ڳڙھ ٿي پوندو آهي. پوءِ اهڙي نظام کي برباد ڪرڻ لاءِ قدرت اسباب پيدا ڪندي آهي. ان کي اسان انقلاب جو نالو ڏيون ٿا. قرآن حڪيم ۾ آيل نبين (عليهم الصلاة والسلام) جا قصا ان انقلاب جو نمونو پيش ڪن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جيڪي بين الاقوامي انقلاب جا داعي آهن. جنهن جو هڪ نمونو سندن ﷺ زندگي مبارڪ ۾ حجاز جي سرزمين تي قائم ٿيو ۽ ان ڪان پوءِ صحابہ رضوان الله عليهم اجمعين ان جي دائري ۾ وسعت ۽ ڪشادگي پيدا ڪئي. سندن زندگيءَ ۾ ظالم سلطنتون تباھ ٿين ٿيون ۽ صالح معاشرا وجود ۾ اچن ٿا. شاھ صاحب جي ڪتابن ۾ توهان کي اسلامي تاريخ جي اهڙن انقلابي ڪردارن جا فڪر ۽ عملي نمونا ملندا. شاھ صاحب وٽ نبين جو بنيادي مقصد انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ ماحول سازگار بنائڻ هوندو آهي. ان لحاظ ڪان انبياء "ائمة انقلاب" آهن.

هاڻي اسان شاهه صاحب جي انقلابي فڪرن منجهان ڪن اقتصادي نڪتن جو مختصر خلاصو پيش ڪيون ٿا:

”الله تعاليٰ انسان کي زمين تي پيدا ڪري سندس رزق جو بندوبست به زمين جي پيٽ ۽ ان جي خزانن ۾ رکيو. هاڻي ان مان فائدو حاصل ڪرڻ ۾ سڀ برابر آهن. پر اهو انفرادي جذبو پنهنجي عملي صورت ۾ تقابلي ڪشمڪش جي فضا کي جنم ڏئي ٿو ۽ پاڻ ۾ جهيڙي جو ماحول پيدا ڪري ٿو. تنهن ڪري قانون هي آهي ته جيڪو به ان کي پهرئين ڪاشت ڪندو، اهو ان جو مالڪ چئبو. زمين جي ملڪيت جو مطلب هي آهي ته اها زمين جنهن انسان جي هٿ ۾ آهي، ان کي ٻين جي پيٽ ۾ نفعي حاصل ڪرڻ جو ترجيحي حق حاصل آهي. باقي حقيقي مالڪ ته الله تعاليٰ جي ذات آهي.“ (حجة البالغہ 4/519 باب ابتغاء الرزق)

هڪ ٻئي هنڌ فرمائن ٿا ته: ”هن ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته سمورو مال حقيقت ۾ الله جي ملڪيت آهي. ڪير به ان جو حقيقي مالڪ نه آهي. پر الله تعاليٰ پنهنجي رحمت ۽ ٻاجهه سان زمين ۽ ان ۾ لڪل خزانن کي انسانن لاءِ عام ڪري ڇڏيو آهي، ته جيئن اهي ان مان نفعو حاصل ڪن. پر ماڻهن حرص ۽ لالچ جي ڪري پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ شروع ڪيو. (يعني وڌ کان وڌ زمين تي قبضا ڪرڻ لڳا.) تنهن ڪري قاعدو هي آهي ته جيڪو پهريان ڪنهن زمين تي هٿ رکي ۽ ڪاهي ته اهو ان جو مالڪ چئبو. پر هن شرط سان ته ان جي انهيءَ عمل سان ڪنهن کي نقصان نه پهچي. حقيقت ۾ زمين مسجد يا مسافرخاني وانگر آهي، (يعني ڪوبه ان جو مستقل مالڪ نه هوندو) جيڪا ايندڙن ويندڙن تي وقف آهي ۽ ان ۾ سڀ برابر آهن، پر جهيڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ قاعدو هي آهي ته جيڪو پهرئين ڪيڙيندو، اهو ان جو نفعو ڪائيندو. (۽ ظاهر آهي ته اهو ايتري ئي زمين رکي سگهي ٿو جيتري هو ڪاهي سگهندو ۽ جيستائين پاڻ محنت ڪري ڪاشت ڪندو ته مالڪ هوندو. جيڪڏهن نٿو ڪاهي ته پوءِ اها ان کان واپس وٺبي.) (حجة الله البالغہ 4/522) ۽ انهيءَ سلسلي ۾ حضرت عمر رضي الله عنه جو فيصلو به ”ازالة الخفا“ ۾ ذڪر ڪيو اٿن.

وري هڪ هنڌ لکن ٿا ته:

”اصل ۾ اصول هي آهي ته ذرائع پيداوار ۽ وسائل معاش جي تقسيم اهڙي هجي، جو نه ان سان طبقاتي نظام قائم ٿئي، نه ٻين کي نقصان پهچي. نه دولت جو وهڪرو چند انسانن جو قيدي بڻجي. يعني عام انساني ڀلائي ملحوظ نظر هجي.“

جيتري تائين مزدور ۽ سرمائيدار جي جهيڙي جو تعلق آهي ته ان باري ۾ سندن فيصلو هي آهي ته ”جيڪڏهن معاشي سرگرميون باهمي امداد واريون نه آهن يا وري اهڙا معاملا جن ۾ جبري رضامندي لڌي ٿي وڃي، اهي سڀ ناجائز آهن. اهڙيون سرگرميون تمدن کي خراب ڪندڙ آهن ۽ اجتماعي زندگي جي اصول جي لحاظ کان به اهي باطل ۽ گناهه آهن.“ (حجة الله البالغہ4/520) ان لحاظ کان شاهه صاحب ڪارخاني ۾ مزدور جي حصي جي پٺڀرائي ڪري ٿو.

”معاملات ۾ هڪ ٻئي کان زورا رسي نه هئڻ گهرجي. بلڪ نظام معيشت باهمي رواداري ۽ اخوت ۽ ڀائيچاري وارو هجي ۽ سمورن فردن کي رزق حاصل ڪرڻ جا موقعا مساوي طور تي مهيا ڪيا وڃن. اهي قدرتي شيون جيڪي عام فائدي جي لاءِ هجن، (يعني انهن کي



قابل انتفاع بنائڻ ۾ ڪنهن فرد يا جماعت جو ڪوبه عمل دخل نه آهي) انهن کي جيترو ٿي سگهي پنهنجي اصلي صورت ۾ رکيو وڃي ته جيئن هر هڪ انهن مان آساني سان فائدو حاصل ڪري سگهي ۽ قدرتي شين کي ضرورت آهر استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ۽ انسان اهڙي طريقي سان پنهنجون ضرورتون پوريون ڪري جنهن سان ٻئي ڪنهن کي نقصان نه پهچي.

باهمي رواداري ۽ تعاون سان ئي انساني سماج جي صحيح ترقي ڳنڍيل آهي. تنهن ڪري دولت حاصل ڪرڻ جا اهڙا ذريعا جيڪي تعاون جي روح کان خالي هجن، اهي طبعي اصولن جي لحاظ کان به غلط آهن ته معاشري جي تمدني ترقي لاءِ به هاڃيڪار آهن. جيئن جوا (Gambling) ۽ سٽو .(Speculation) جن ۾ بغير عوض ۽ بغير محنت جي پيسو حاصل ڪيو ويندو آهي. محنت کان سواءِ پيسو حاصل ڪرڻ جو جذبو انسان ۾ بخل، ڪنجوسي ۽ ڪاهلي جو سبب بڻجي ٿو. (۽ محنت ڪرڻ کانسواءِ مالي فائدو حاصل ڪرڻ، شريعت جي روءِ سان به انتهائي ڪڌو ڪم آهي، اهو ناجائز آهي.) (حجة الله البالغہ باب ابتغاء الرزق)

هڪ هنڌ مال ۾ اضافي ڪرڻ جي باري ۾ لکن ٿا:

”معاشي وسيلن کي ڪتب آڻڻ لاءِ بنيادي اصول هي آهي ته جائز مال کي قبضي ۾ آڻجي. ۽ ان ۾ تصرف ڪري پيداوار ۾ اضافو ڪيو وڃي. پر ان ۾ اهو لازمي شرط آهي ته هڪ جون معاشي سرگرميون ٻئي لاءِ تنگي ۽ نقصان جو سبب نه بڻجن. نه ته معاشرو ترقيءَ جي بدران تنزل ڏانهن موٽندو.“ (حجة الله البالغہ4/520)

پاڻ هڪ هنڌ ڏنڌن جي ورهاست جي باري ۾ چون ٿا ته:

”گڏ رهندڙ انسانن جي ڏنڌن جي باري ۾ بحث ڪرڻ ضروري آهي. اهڙا ڌنڌا جيڪي شهر جي توازن ۾ بگاڙ پيدا ڪن، انهن کي ختم ڪجي يا انهن ۾ تبديلي ڪئي وڃي ۽ اهڙا ڌنڌا لازمي قرار ڏنا وڃن جيڪي معاشري لاءِ ضروري هجن. ان طرح سان ان خطي جي رهندڙن جي حالت ٺيڪ ۽ سٺي رهندي.“ (شاه ولي الله کا فلسفہ عمرانيات و معاشيات ص 91)

پاڻ هڪ هنڌ بدور بازغہ ۾ معاشي فراغت (خوشحالي) ۾ هڪ حدتائين وچٿرائپ ۽ اعتدال قائم ڪرڻ جي تلقين ڪن ٿا.

فرمائن ٿا ته: ”هن باري ۾ ٻه متضاد قياس آهن: هڪ ته معاشي فراغت سٺي شي آهي. طبيعت ان کي گهري ٿي، ان سان مزاج ، دل ۽ دماغ تندرست ۽ توازن ۾ رهندا آهن، ان سان اخلاق پختا ۽ علمن ۾ استقامت ۽ پختگي ٿيندي آهي ۽ گهٽيون برايون، ٻچڙيون عادتون ۽ ڪند ذهن جهڙيون هلاڪت ڪندڙ شيون خراب ۽ گهٽيا ڪاڏن جو نتيجو هونديون آهن. رهڻي ڪهڻي جي سٺن ۽ سلجهيل طريقن سان، سٺيون عادتون، مروت ۽ دل ۾ شائستگي پيدا ٿيندي آهي. ٻيو قياس هي آهي ته معاشي فراغت خراب شي آهي. هڪ ته ان سان جهيڙا پيدا ٿين ٿا. ٻيو ته دولت جي پويان پئي ڪري انسان آخرت وساري ٿو ڇڏي. ان کان پوءِ پاڻ حل ڪڍي ٻڌائن ٿا ته رهڻي ڪهڻي ۽ معاشي فراغت ۾ اعتدال ۽ توازن قائم رکجي. نه ”رفاهيت بالغہ“ (Luxury) هجي (يعني دنيا جي محبت ۾ ٻڏي وڃجي ۽ وڏي ٺٺ ٺانگر سان زندگي گذارجي.) اها معاشري ۾ برائين جو بنيادي سبب آهي. ۽ ايئن ئي رفاهيت ناقصہ (Barbarism) به تمدني ترقي لاءِ رڪاوٽ آهي. (يعني رهڻي ڪهڻي جا طريقا تمام ڪريل ۽ جهنگلي ۽ بربريت وارا نه هجن.

بلڪ رفاهيت متوسط (رهڻي ڪهڻي ۾ اعتدال هجي.) پلي شي آهي، جنهن سان سنيون شيون قائم رهنديون آهن ۽ خراب شيون ختم ٿي وينديون آهن. (بدوبازغہ فصل 4، اتفاقات)

اڄڪلهه اهل حڪمت سياسي نظام ۾ هڪ امير جي اطاعت کي مرڪز لاءِ ضروري نٿا سمجهن. انهن جي نظر ۾ ان سان نظام ۾ خرابيون پيدا ٿيڻ جا گهڻا امڪان آهن.

شاهه صاحب وٽ ان جو علاج هي آهي ته هڪ بورڊ تشڪيل ڏنو وڃي. جنهن جي ميمبرن کي الڳ الڳ اختيار هجن. (جيستائين منهنجو خيال آهي شاهه صاحب کان سواءِ ڪنهن به مذهبي عالم وٽ اهڙو خيال نٿو ملي. سنڌي رحہ)

شخصي حڪومت جي بجاءِ حڪيمن ۽ عقلمندن جي گڏيل حڪومت جي تجويز، پارلياماني نظام جو نقطهء آغاز ٿي سگهي ٿو. ڪاش! شاهه صاحب جي دور ۾ ان ڳالهه ڏانهن توجہ ڏنو وڃي ها!

اقترابات (خدا تائين رسائي حاصل ڪرڻ جا طريقا) ۽ ارتفاقات، (اجتماعي ادارا ۽ نفع بخش انتظامات) ته جيئن انسانيت جون مادي گهرجون آساني ۽ نرمي سان پوريون ڪري سگهجن.) شاهه صاحب وٽ اسلام انهن ٻنهي ۾ توازن پيدا ڪري ٿو ۽ هڪ سڌي راهه ٻڌائي ٿو. جنهن تي هلي ڪري پنهنجي منزل آسانيءَ سان ماڻي سگهجي ٿي. اسلام قيصر ۽ ڪسرا کي ختم ڪري ارتفاق ۾ تندرستي پيدا ڪئي ۽ هر قسم جي شرڪ جي ترديد ڪري اقترابات جو صحيح درجو متعين ڪيو.

شاهه صاحب جي حڪمت جي خوبي هي آهي ته پاڻ وقت جي حالتن جي تقاضا مطابق اسلام جي همہ گير روح کي وائڪو ڪيائون ۽ پاڻ روحاني ۽ مادي زندگي (اقترابات ۽ ارتفاقات) ۾ ربط ۽ وحدت هجڻ کي ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ ٻئي طرف سڀني مذهبن جي گڏيل ۽ اصل اصولن کي متعين پڻ ڪيائون. اهڙي طرح پاڻ مسلمانن جي آڏو اهي حقيقتون چٽيون ڪيون، جيڪي صدين کان پردي هيٺ هيون. ان سان مسلمانن ۾ ذهني وسعت ۽ ڪشادگيءَ کي جنم ڏنائون. هي بنيادي نظريو آهي شاهه صاحب جي دعوت جو جنهن کي مان ”انقلابي دعوت“ جو نالو ڏيان ٿو.

(هي مضمون ”الصدق“ 2006 مئي تان اختصار ڪيل آهي ۽ ڪتي ڪتي ”حجة الله البالغ“ ۽ ”شاهه ولي الله ڪا فلسفہ عمرانيات و معاشيات مان به مدد ورتي وئي آهي.)

## عيد واڌايون

سڀني پڙهندڙن کي حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي عهديدارن ۽ ذميدارن طرفان عيد جون واڌايون قبول پون. اسان دعا ٿا ڪريون ته الله ﷻ اوهان کي خوشحالي، سلامتي ۽ عافيت نصيب فرمائي.



سنڌيڪار: احمدالدين شر

# قرآن جي ادب جون مختلف صورتون

هر شخص لاءِ لازم آهي ته هو قرآن ڪريم کي، جيڪو الله تعاليٰ طرفان انسانيت جي لاءِ برڪت ۽ رحمت جو هڪ وڏو ٻنڊار آهي، تعظيم ۽ عزت جي نگاهه سان ڏسي. هر وقت ۽ هر حال ۾ ان جي تقدس جو الڪو رکي ۽ اُن جي حق ادائگي کان پاڻ کي ڪڏهن به غافل نه رکي. هڪڙي بزرگ جي تحقيق ته مورڳو ئي قرآن پاڪ جي تعظيم جي معنيٰ بيان ڪرڻ ۾ عوام الناس جي اندر هڪڙو غلط تاثر پيدا ڪري ڇڏيو آهي. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن قرآن کي عزت ۽ شرف ڏيڻ جو مطلب صرف اهو ورتو وڃي ته پاڪائيءَ کان سواءِ ان جي تلاوت نه ڪئي وڃي، وضوءَ کانسواءِ ان کي هٿ به نه لاتو وڃي، ريشم جي ڪپڙن ۾ ويڙهي سيڙهي رکيو وڃي، بي ادبي جي ڊپ کان رسالن ۽ اخبارن ۾ ان جون آيتون نه لکيون وڃن، وغيره: ته ڇا اهڙي قسم جي ظاهري ڏيک ويک سان ان جي تعظيم جو حق ادا ٿي ويندو؟ مثال جي طور تي ڪو اهڙو شخص هجي جيڪو قرآني تعليم تي عمل کان لنوائيندو هجي ۽ هن جو قول ۽ فعل مان به اها ڳالهه ٻَڪي رهي هجي ته هن جي دل ۾ خداوندي حڪمن لاءِ ڪا به عزت ۽ احترام نه آهي، پر ظاهر ۾ قرآني تعظيم وڏي زور شور سان ڪري ٿو ۽ ان لاءِ رواجي ريتن رسمن کي نڀائڻ ۾ ڪا ڪسر نٿو ڇڏي، رسمي تعظيم جي به وڏي پابندي رکي ٿو، ته ڇا توهان اهڙي شخص جي رسمي چال چلت کي قرآن جي حقيقي تعظيم جي برابر ڄاڻندؤ؟ حقيقي تعظيم ظاهري ڏيکاوَ جي محتاج ناهي. قرآن جي تعظيم جو روح هيءُ آهي ته هي آسماني ڪتاب جنهن تعليم کي دنيا ۾ عام ڪرڻ گهري ٿو ۽ انسان ذات جي خير خواهيءَ لاءِ هن جيڪي حڪم ٻڌايا آهن انهن کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ مڪمل طرح عملي جامو پهرايو وڃي. قرآن انهيءَ لاءِ نازل ڪونه ٿيو آهي ته هن کي ڪٽي اڪين تي رکڻ ۽ سيني سان لائي چميون ڏيڻ کي ڪافي سمجهيو وڃي. حقيقت هيءَ آهي ته قرآن کي نازل ڪرڻ جو خاص مقصد هيءُ هئو ته دنيا ان جي هدايتن جي تجلي سان روشن ٿئي ۽ دنيا وارا هن کي پنهنجي معاملن ۾ پنهنجو دستور يا آئين بنائي امن، سلامتي ۽ اطمنان واري زندگي گذارين. پوءِ اها انتهائي شرمندگي جي ڳالهه ڇئبي جو قرآن بنسبت اسان جو رويو صرف ظاهري ڏيک ويک ۽ ريتن رسمن تي ٻڌل هجي. زبان سان ته ان جي عظمت جا گيت پيا ڳائجن پر دل مان پيو آواز اچي ته:

*دام تزدير بكن چوں دگراں قرآن را*

رسمي تعظيم جي حق ۾ وري قرآن پاڪ جي آيت ”لا يمسه الا المطهرون“ (پاڪن کانسواءِ ان کي ٻيو ڪو ڇهي به نٿو سگهي) پيش ڪئي ويندي آهي. جڏهن ته حقيقت هيءَ آهي ته هن آيت جو مطلب ئي غلط سمجهيو ويو آهي. اصل ڳالهه هيءَ آهي ته مڪي جي ڪافرن کي اهو اعتراض هئو ته هيءُ قرآن الله تعاليٰ طرفان نازل ڪيل ڪتاب نه آهي پر هي ڪي هٿ ٺوڪيون اڳين جون آکاڻيون آهن، وغيره وغيره. الله تعاليٰ هنن جي اهڙي وهمن کي رد ڪندي فرمايو:

إِنَّهُ لَقُرْآنٌ كَرِيمٌ ○ فِي كِتَابٍ مَكْنُونٍ ○ لَا يَمَسُّهُ إِلَّا الْمُطَهَّرُونَ ○ تَنْزِيلٌ مِنْ رَبِّ الْعَالَمِينَ ○ أَفَبِهَٰذَا الْحَدِيثِ أَنْتُمْ مُدْهِنُونَ ○ وَتَجْعَلُونَ رِزْقَكُمْ أَنَّكُمْ تُكَذِّبُونَ ○ ﴿سورة الواقعه: ٧٧ تا ٨٢﴾

ترجمو: يقيناً هيءُ قرآن مجيد بيشڪ وڏي شان وارو آهي. جو هڪ محفوظ رکيل ڪتاب ۾ آهي. جنهن کي پاڪ (فرشتن) کانسواءِ ڪو به نه ٿو ڇهي. اهو قرآن سڄي جهان جي

پروردگار وٽان نازل ٿيل آهي. پوءِ ڇا توهان هن (عاليشان) پيغام کي تڇ ڪري ٿا سمجهو؟ ۽ توهان ان کي ڪوڙو ٺهرائي رد ڪرڻ کي پنهنجي گذران جو وسيلو بنايو آهي ڇا؟ (نوٽ: ترجمو علامہ علي خان ابڙي جي تفسير المنير تان ورتو ويو آهي – سنڌيڪار)

مٿين آيتن ۾ اها ڳالهہ چٽيءَ طرح ظاهر آهي تہ ڪافرن کي هن پاڪ ڪتاب بنسبت ان ڳالهہ کان انڪار هئو تہ هيءُ ڪو الله جي طرفان نازل ڪيل ڪتاب آهي ۽ انهيءَ انڪار کي انهن پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو هو. ان جي جواب ۾ الله تعاليٰ طرفان ڪين آگاه ڪيو ويو تہ هيءُ ڪتاب (قرآن مجيد) تہ لوح محفوظ ۾ نهايت ئي احتياط سان لکيو پيو آهي ۽ ان جاءِ تي الله جي پاڪ نفس ٻانهن کان سواءِ ٻيو ڪير ان کي ڇهي بہ نٿو سگهي. پوءِ جيڪو ڪتاب ايڏي وڏي احتياط سان اهڙي حفاظت واري جاءِ تي محفوظ آهي تنهن ۾ ڪنهن گهاٽي واڌي ڪرڻ جي ڪا گنجائش ڪيئن ٿي سگهي ٿي ۽ اهڙي حالت ۾ ان کي ڪيئن ٿو ڪوڙو قرار ڏئي سگهجي؟

هن آيت جي تفسير ۾ ڪيترين ئي حديثون پڻ بيان ٿيل آهن. حضرت ابن عباس ، جابر بن زيد ۽ ابو نهيڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ : "جيڪو قرآن آسمان تي آهي ان کي پاڪن کان علاوه ٻيو ڪوبہ ڇهي نٿو سگهي." حضرت مجاهد رح فرمائي ٿو تہ: "ان جو مطلب هيءَ آهي تہ قرآن هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن تي دُز بہ نٿي اچي سگهي." امام ضحاڪ رح لکي ٿو تہ: "ڪافرن کي وهم هئو تہ محمد صلي الله عليہ وسلم تي شيطان ٿا پيا قرآن نازل ڪن. ان جو ڪين جواب مليو تہ هيءُ تہ هڪ محفوظ ڪتاب آهي، پاڪ نفسن کان سواءِ ڪير ان کي ڇهي بہ نٿو سگهي، اتي ٻيو ڪو (پليت شيطان) ان کي ڪٿي ٿو پهچي سگهي؟" سعيد ابن جبير، عيسيٰ، ابونهيڪ، جابر بن زيد ۽ مجاهد؛ انهن سيني لا يمسه الا المطهرون جي تفسير ۾ چيو آهي تہ: "ان جو مطلب ملائڪ آهن". ابو العاليہ، ابن زيد ۽ قتاده روايت ڪئي آهي تہ: " انهيءَ ارشاد تہ پاڪن کانسواءِ ٻيو ڪو بہ ان کي ڇهي نٿو سگهي مان مطلب الله جا پاڪ ملائڪ، مقدس پيغمبر ۽ پاڪباز ۽ پرهيزگار ٻانها آهن؛ جڏهن تہ قرآن مان مطلب اهو قرآن آهي جيڪو لوح محفوظ ۾ موجود آهي. باقي دنيا جي اندر تہ هن کي ناپاڪ مجوسي ۽ منافق بہ ڇهي ويندا آهن." اهڙيءَ طرح ڪيترين ئي حديثون تفسير امام ابن جرير طبري، جلد ٢٧ صفحو ١٠٥ ۽ ١٠٦، ۾ وڏي تفصيل سان بيان ٿيل آهن. هن آيت بابت ٿيل عام تحقيق کي اسان ڪنهن ٻئي موقعي لاءِ لاءِ ڇڏي ٿا ڏيون، هن وقت فقط هيءُ عرض ڪرڻو آهي تہ بحث هيٺ آيل آيت ۾ نہ تہ لغوي معنيٰ ۾ ڪا روڪ ٽوڪ ٿيل آهي ۽ نہ ئي وري اصطلاحي معني ۾ ڪا جَهل پل جي ڪا صورت نڪري ٿي. ڳالهہ صرف هيءَ هئي تہ هتي مقصد صرف قرآن پاڪ کي هڪ محفوظ ۽ الله جي طرفان نازل ٿيل ڪتاب هجڻ جو يقين ڏيارڻو هئو نہ کي وضوءَ کانسواءِ هٿ لائڻ کان روڪڻو هو. پوءِ ڪا سڻائي ٿئي نڪتي بازن جي جو ان مان ناجائز هجڻ جو حڪم بہ ڪڍي ٿا هي ورتائون. وڏو ظلم تہ اهو ڪيو ويو جو پنهنجي هن جڙتو اصول کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ دليلن جو هڪ محل ڪڏي تيار ڪيائون. سوچن جي دنيا بہ ڇا تہ عجيب دنيا آهي!

**قرآن مجيد جي عظمت جون صورتون**

مٿئين بحث مان منهنجو اهو مطلب هرگز نہ آهي تہ قرآن جي ظاهري احترام کي مورڳو ئي ڇڏي ڏجي. منهنجي چوڻ جو مقصد صرف هيءُ آهي تہ:

1. مسلمانن جو اندر ۽ ٻاهر هڪجهڙو هئڻ گهرجي. افسوس آهي ان حالت تي جو قرآن جو ظاهري ادب تہ اهڙو ڪيو وڃي جو وضوءَ يا وهنجڻ کان سواءِ ان کي هٿ لائڻ يا ان جي لفظن کي زبان تي آڻڻ کي ناجائز سمجهيو وڃي ۽ هوڏانهن اندر جو هيءُ حال هجي جو عملي



زندگيءَ ۾ اسان جو رويو قرآن جي تعليم جي ايترو تہ مخالف هجي جو دل ان ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ تيار ئي نہ هجي تہ ڪو هيءُ ڪتاب الله تعاليٰ جو ڪلام آهي ۽ هن جو مڃڻ ۽ هن تي عمل ڪرڻ بہ اسان تي ڪو فرض آهي.

2. حقيقت ۾ قرآن جو پورو پورو ادب تہ هي آهي تہ ان جي ڏنل حڪمن کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ نافذ ڪيو وڃي ۽ اجا بہ وڏيڪ ادب هيءُ آهي تہ ان جي تعليم تي عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي ظاهري احترام ۾ ڪٿي جيتري ڪسر بہ نہ ڇڏي وڃي.

3. ان سلسلي ۾ هيءُ دليل بہ نهايت ئي بي تڪو آهي تہ: "فلاڻي بزرگ کي جو ڪک بہ نظر ايندو هو تہ ان کي بہ ڪٿي سنڀاليندو هو ڇو تہ ان جي شڪل الف يا ب جهڙي آهي، يا هي تہ فلاڻو بزرگ سٽي جي پوک ۾ پنهنجي جتي لاهي پوءِ داخل ٿيندو هو، انهيءَ خيال کان تہ هن مان ڪاغذ تيار ٿئي ٿو جنهن تي قرآن لکيو وڃي ٿو، پوءِ اهڙي مقدس فصل ۾ آءٌ جتيءَ سميت ڪيئن داخل ٿيان، وغيره" . بيشڪ اهڙي قسم جا واقعا انهن بزرگن جو قرآن پاڪ جي نسبت حد درجي جي ادب ۽ احترام کي ظاهر ڪن ٿا. پر حقيقت هيءَ آهي تہ اهي خدا ترس انسان نہ صرف قرآن ڪريم جي ظاهري احترام جو خيال رکندا هئا، پر ان سان گڏو گڏ هنن جي عملي زندگي ۽ انهن جون عادتون ظاهر ڪنديون هيون تہ هنن جو روح ۽ دل قرآن جي رنگ سان چڱي طرح رڱيل آهن. سندن زندگي قرآن مجيد جو مڪمل عملي تفسير هئي. حيرت جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن بزرگن جي قرآن پاڪ بنسبت ظاهري تعظيم، جيڪا حقيقت ۾ سندن ذاتي سوچ جو نتيجو هئي، تنهن جي پيرويءَ تي تہ وڏو زور ڏنو وڃي ٿو، جڏهن تہ تعظيم جي حقيقي روح ڏانهن ڪنهن جو خيال ئي نٿو وڃي.

4. ظاهري تعليم (يعني پاڪائيءَ کانسواءِ نہ ڇهڻ) جي متعلق قرآن منجهان جيڪيو دليل ورتو وڃي ٿو ان مان اهڙي قسم جو مقصد ثابت ئي نٿو ٿئي.

5. الله تعاليٰ شل پنهنجي پناهہ ۾ رکي، جيڪي ماڻهو ڄاڻي واڻي قرآن جي بي حرمتي ڪن ٿا سي تہ پاڻ ئي الله تعاليٰ وٽ گنهگار ٿين ٿا. پر هي بہ مناسب نہ آهي تہ انهيءَ ڊپ کان مسلمانن جي تقريرن ۽ لکڻين ۾ قرآن جون آيتون ئي اڻ لڀ ٿي وڃن. الله تعاليٰ جي طرفان ڏنل حڪمن ۾ هن وقت تائين تہ اهڙي قسم جي ڪا بہ روڪ ٽوڪ واضح نظر نٿي اچي.

6. هيءَ فتويٰ تہ: "آيت جو متن لکڻ جي بدران سورت ۽ آيت جو حوالو ڏئي صرف ترجمو لکيو وڃي"، شايد انهن پڪو پختو عقيدو رکندڙ مسلمانن جي لاءِ اطمينان بخش نہ هجي جن جو هيءُ رايو آهي تہ قرآن ڪريم جي ڪنهن بہ حصي کي ان جي عربي متن کان سواءِ رڳو ترجمو لکڻ انهيءَ ڪري قابل اعتراض آهي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو پوءِ هي هڪڙي مستقل ريت بنجي وڃي ۽ پوءِ هڪ وقت اهڙو اچي جو تورات ۽ انجيل وانگر ماڻهو قرآن پاڪ جي صرف ترجمي کي ئي پنهنجي لاءِ ڪافي سمجهڻ لڳن ۽ اڳتي هلي قرآن ۾ بہ تحريف جي ڪا گنجائش نڪري اچي. هيءَ سوال بہ قابل غور آهي تہ احترام صرف قرآن جي لفظن جو هئڻ گهرجي يا ان جي مطلب جوبہ احترام لازمي آهيَ؟ پوءِ جيڪڏهن لفظن جي عظمت ۾ ان جي معنيٰ جو بہ سڀ کان وڏو عمل دخل آهي تہ پوءِ آخر ٻيو ڪهڙو سبب آهي جو قرآن جي لفظن کي تہ پاڪيزه ۽ بابرڪت سمجهيو وڃي پر ان جي مطلب کي ڪا اهميت نہ ڏني وڃي. ان سان گڏ هيءَ بہ سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن قرآن جا لفظ ۽ معنيٰ ٻئي پاڪ ۽ برڪت ڀريا آهن تہ پوءِ ڇا هي جائز آهي تہ ان جا لفظ تہ پنهنجي لکڻين ۾ نہ آندا وڃن تہ متان انهن جي بي حرمتي ٿي پوي پر ان جي ترجمي يا مطلب جي بي حرمتي ۾ ڪو بہ حرج نہ سمجهيو وڃي؟ (علامہ عبدالله العمادي جي ڪتاب "محڪمات" تان ورتل)

مولانا عبداللطيف نانگراج

# انفاق في سبيل الله

فطرت جو هيءُ سڌو ۽ ساڌو اصول آهي ته معاشرت ۽ معيشت ۾ سڀ انسان هڪ جهڙا ناهن ۽ قدرتي صلاحيتن جي خيال کان به انهن ۾ وڏو فرق آهي. ڪن ۾ ڪمائڻ ۽ دولت حاصل ڪرڻ جو صلاحيتون اعليٰ معيار جون هونديون آهن ته ڪن ۾ وري گهٽ. ڪن کي وري سازگار ماحول ملي وڃڻ جي ڪري ترقي جا موقعا ملي ويندا آهن ۽ اهي پنهنجي معيشت بهتر ڪري وٺندا آهن. ڪي ويچارا مواقع حاصل نه هجڻ ڪري زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ پوئتي پئجي ويندا آهن. بهرحال مطلب ته معيشت ۾ اختلاف فطري حد تائين برو نه آهي. ڇو ته انسان ڪو مشين يا گاڏي ته ناهي جنهن کي هڪ ئي بٽڻ تي پيو هلائجي. پر جيڪڏهن اها معاشي اڻ برابري حد کان وڌي وڃي ته اها معاشري لاءِ تباهيءَ ۽ بربادي جو وڏو ڪارڻ بنجي پوي ٿي. تنهن ڪري هر آسماني مذهب غريبن، يتيمن، مسڪينن ۽ ضرورت مندن تي خرچ ڪرڻ جي تعليم ڏني آهي. هاڻي ته "مستحقن جي مدد ڪرڻ" اهڙو عالمگير اصول تسليم ڪيو ويو آهي جو مذهب جا مخالف به ان جو انڪار نٿا ڪري سگهن.

اسلام جي اقتصادي نظام جو هڪ بنيادي جز "انفاق" آهي. انفاق جي معنيٰ آهي خرچ ڪرڻ، ٻئي جي ضرورت پوري ڪرڻ. يا ڪنهن ڪمي يا نقص کي ختم ڪرڻ. ان کي آسان ڪجي ته مطلب هي نڪرندو ته اهڙي طرح خرچ ڪرڻ جو معاشري جي اڻ برابري ختم ٿي وڃي، يا اخلاقي ڪمزوريون جيڪي انسانن جي بنيادي ضرورتن جي پوري نه ٿيڻ جي ڪري پيدا ٿين ٿيون، انهن کي دور ڪرڻ. قرآن پاڪ ۽ حديث جي روءِ سان انفاق هڪ وسيع ۽ جامع معنيٰ رکندڙ لفظ آهي. اسان وٽ انفاق جي قانوني حيثيت (Obligation)، کي صرف زڪوات ۾ محدود ڪيو ويو آهي، باقي انفاق جا حڪم، مستحب يا مندوب (Recommended Act) جي دائري ۾ شامل ڪيا ويندا آهن. ان سوچ (Thinking) جي بنيادي غلطي دولت ۽ ملڪيت جي باري ۾ اسلام جي نقطي نظر کي صحيح طور نه سمجهڻ آهي.

حقيقت هيءَ آهي ته دولت ۽ ملڪيت تي قرآن پاڪ مستقل مالڪ هجڻ جو حق ابتدا کان تسليم ئي نه ڪيو آهي. ارشاد خداوندي آهي:

إِنَّ اللهَ اشْتَرَىٰ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ أَنْفُسَهُمْ وَأَمْوَالَهُمْ بِأَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ﴿التوبه: ١١١﴾

"بلاشبه الله تعاليٰ مؤمنن کان سندن جانيون ۽ مال ملڪيتون خريد ڪري ورتيون آهن. هن قيمت تي (خريد ڪيو اٿس ته) کين بهشت (جي دائمي زندگي) ملي."

يعني مال ۽ ملڪيت جو حقيقي مالڪ الله تعاليٰ آهي، باقي انسان ان جو امين ٿي ڪري ان مال ۽ ملڪيت کي سندس بندن جي ڀلائي لاءِ خرچ ڪرڻ جو پابند آهي. هڪ هنڌ ته مال جي سڌي نسبت خدا تعاليٰ پاڻ ڏي ڪئي آهي:

وَآتُوهُمْ مِنْ مَالِ اللهِ الَّذِي آتَاكُمْ ﴿النور: ٣٣﴾ هتي ته تاويل جي ڪا گنجائش ئي نه آهي. دولت ۽ ملڪيت کي پنهنجي مستقل مالڪي ڏيکارڻ قارون جي ذهنيت آهي. جيئن قرآن پاڪ قارون



جي ذهنيت جي ترجماني هنن لفظن ۾ ڪئي آهي: قَالَ إِنَّمَا أُوتِيتُهُ عَلَىٰ عِلْمٍ عِنْدِي ﴿القصص: ٧٨﴾ "(قارون جواب ۾) چيو ته (توهان اجائي بڪ بڪ ڪري رهيا آهيو) مون کي جو هيتري دولت ملي آهي سا يقيناً مون پنهنجي علم (عقل ۽ هنر ۽ محنت) سان حاصل ڪئي آهي. (مون تي خدا ڪو احسان ڪونه ڪيو آهي.)"

مال ۽ دولت تي پنهنجي مستقل مالڪي ڏيکارڻ، ان کي عام ڀلائي لاءِ خرچ نه ڪرڻ، فساد آهي. جيئن هن آيت کان اڳين آيت مان ظاهر ٿئي ٿو. جنهن ۾ قارون کي سندن قوم چيو: وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْأَرْضِ ۖ إِنَّ اللهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِينَ ﴿القصص : ٧٧﴾ هڪ ٻئي هنڌ ارشاد آهي: وَالَّذِينَ يَكْنِزُونَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنْفِقُونَهَا فِي سَبِيلِ اللهِ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿التوبه: ٣٤﴾ "۽ جيڪي ماڻهو سون چاندي پنهنجي خزاني ۾ گڏ ڪري رکندا رهن ٿا ۽ ان کي الله جي راهه ۾ خرچ نه ٿا ڪن تن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ" . هن آيت ۾ لفظ "ڪنز" آيو آهي، تنهن ڪري هن آيت جي تفسير ۾ عام عالمن ۽ محققن جو مسلڪ هي آهي ته جنهن مال مان زڪوات ۽ ٻيا مالي فريضا ادا نه ڪيا وڃن، اهو مال "احتڪار" (بنيادي ضرورت جي شين کي روڪي رکڻ) ۽ "اڪتناز" (دولت کي گڏ ڪرڻ) جي فهرست ۾ شامل ۽ ڪنز جي باري ۾ آيل وعيد (ڇتاءُ) جو مصداق آهي. اهڙي قسم جي دولت ۽ ثروت جو نالو "سرمايه پرستي" آهي. سورة همزه ۾ مال کي گڏ ڪندڙ لاءِ هلاڪت ۽ جهنم جي وادي جو وعيد ٻڌايو ويو آهي. ارشاد آهي: الَّذِي جَمَعَ مَالًا وَعَدَّدَهُ ﴿الهمزه: ٢﴾ "جنهن جي (زندگيءَ جو مقصد) مال کي ميڙي ۽ ان جي ڳڻ ڳڻان رهيو آهي."

هي ڪجهه آيتون هيون جن کي اڳيان رکي ڪري هي نتيجو واضح طور نڪري ٿو ته انسان پاڻ دولت جو مستقل مالڪ نه آهي بلڪ، الله تعاليٰ جو امين آهي ۽ مال ۽ دولت کي گڏ ڪري رکڻ جائز نه آهي بلڪ ان کي عام ڀلائي لاءِ يعني جيڪي حاجتمند آهن، انهن تي خرچ ڪرڻو آهي. دولت کي پنهنجي مستقل ملڪيت سمجهڻ، ان کي گڏ ڪري رکڻ (يعني مستحقن ۽ ضرورتمندن تي خرچ نه ڪرڻ، بلڪ پنهنجون تجوريون ڀرڻ يا غيرضروري ڪمان ۽ عياشين تي پئسو لٽائڻ) قارون جي ذهنيت جي ترجماني آهي. جيڪو فساد آهي ۽ مفسدين کي الله تعاليٰ پسند نه ڪندو آهي.

جڏهن انسان قرآن جو مطالعو ڪري ٿو ته ڏسي ٿو ته ان ۾ زڪواة کان علاوه جا بجا انفاق جو حڪم پڻ ڏنو ويو آهي ۽ ان سان گڏ مال گڏ ڪرڻ واري لاءِ سخت وعيد بيان ڪيا آهن. هاڻي جيڪڏهن انهن آيتن جون اهي تاويلون ڪجن ته "گڏ ڪرڻ" مان مراد آهي زڪواة نٿو ڏئي يا وري "انفاق" مان مراد به صرف زڪوات آهي. يا وري جيڪڏهن زڪواة کان علاوه جيڪو انفاق جو حڪم آهي اهو مستحب آهي، فرض ۽ لازم نه آهي، صحيح نظر نٿو اچي. ڇا زڪواة کانپوءِ ماڻهو پنهنجي مال جو مستقل مالڪ آهي ۽ ان کي جيئن وڻي تيئن ان کي خرچ ڪري؟ ڀلي گڏ ڪري رکي؟ پوءِ جيڪڏهن ائين آهي ته ان لاءِ زڪواة جو حڪم ئي ڪافي هئو باقي پوءِ گڏ ڪرڻ لاءِ وعيد ۽ انفاق جي مطلق لفظ ڳالهائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. ۽ انفاق جي معنيٰ رڳو خرچ ڪرڻ ناهي بلڪ اهڙي طرح خرچ ڪرڻ آهي جيئن معاشي اڻ برابري ختم ٿي وڃي، اهڙي طرح جو عام طور تي بنيادي ضرورتون (Natural Elementary Needs) يعني

ڪائڻ، پهرڻ، رهڻ، صحت ۽ تعليم آساني سان پوريون ٿين ۽ انفاق جي ٻين حڪمن کي صرف مستحب جي حيثيت ڏيڻ، اهو بہ صحيح نظر نٿو اچي. حقيقت هيءَ آهي تہ ڪو بہ نظام پنهنجا گهربل نتيجا قانوني حيثيت کانسواءِ ڏئي ئي نٿو سگهي. جيڪڏهن اسلام جي اقتصادي پاليسي جو بنياد سماجي ڀلائي ۽ عام مفاد تي آهي تہ پوءِ يقيناً انفاق جي بہ قانوني حيثيت تسليم ڪرڻي پوندي.

قرآن پاڪ ۾ ڪيترين ئي آيتون آهن جن ۾ چيو ويو آهي تہ سرندي وارن جي مالن ۾ غريبن ۽ مسڪينن جو حق آهي؛ الذاريات: 19، المعارج: 25. سورة النحل ۾تہ هيئن بہ چيو ويو آهي تہ: فهم فيه سواء (النحل: 71) ”حالانڪ سڀ ان ۾ هڪ جهڙا حقدار آهن“

هاڻي مسئلو هي آهي تہ جيڪڏهن زڪواة کانپوءِ بہ معاشي اڻ برابري رهي ٿي ۽ اڪثر طبقو غربت ۽ مفلسي جي ڪري پنهنجن بنيادي ضرورتن کان بہ محروم آهي تہ ڇا پوءِ بہ انفاق کي قانوني حيثيت نہ ڏبي؟ ۽ مٿين آيتن ۾ ”حق“ مان ڇا مراد آهي؟ صرف زڪواة ڏيڻ يا انهن جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ؟ سوره النحل ۾ تہ هيٺئين طبقي کي انهن جو برابر جو حقدار قرار ڏنو ويو آهي. ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن سماج ۾ رهندڙ انسانن جي عام حالت فطري حد تائين هڪ جهڙي هوندي.

حضرت عبدالله بن عمر ﷜ جو قول آهي تہ: ان في المال حقاً سوا الزكوٰة (بخاري، ڪتاب الزڪواة) “ تہ مال ۾ زڪواة کانسواءِ بہ ٻيا (لازمي ۽ ضروري) حق آهن.” اصل مسئلو هي آهي تہ جيڪڏهن معاشري ۾ معيشت توازن ۽ اعتدال ۾ آهي، عام طبقي کي ڪا مشقت ۽ غير ضروري ڏکيائي پيش نٿي اچي ۽ زڪواة جي ادائگي سان طبعي توازن قائم رهندو اچي ٿو ۽ ان ۾ ڪو بہ بگاڙ نٿو اچي تہ ان صورت ۾ اضافي ٽيڪس لڳائڻ جي يقيناً ضرورت نہ آهي. پر جيڪڏهن طبقاتي نظام قائم ٿي وڃي يا ڪا هنگامي حالت پيش اچي تہ ان صورت ۾ زڪواة کانسواءِ ٻيا اضافي ٽيڪس لڳائي صورتحال کي بيلنس ۾ رکڻ ضروري آهي. پوءِ ان ۾ اها صورت بہ آهي جو ماڻهن کي پئسو بينڪن يا تجوڙين ۾ گڏ ڪرڻ نہ ڏنو ويندو، بلڪ جيڪڏهن ڪا وڏي آفت اچي وڃي جنهن سان سماج جو غريب طبقو گهڻو متاثر ٿئي تہ ان صورتحال ۾ ضروت کان وڌيڪ رکڻ گناهہ جي زمري ۾ اچي ٿو ۽ اهو فساد آهي، ان کان جبري طور تي روڪيو ويندو. ان باري ۾ ارشاد آهي: وَيَسْأَلُونَكَ مَاذَا يُنْفِقُونَ قُلِ الْعَفْوَ ﴿البقرة :٢١٩﴾ “(اي پيغمبر!) ۽ توکان پڇن ٿا تہ حق جي راهہ ۾ ڇا خرچ ڪيون؟ انهن کي چؤ تہ جيڪي توهان جي ضرورتن کان وڌيڪ هجي سو خرچ ڪيو.”

مطلب تہ ضرورت جي حالتن ۾ ماڻهن کان جيڪڏهن ذاتي ملڪيت ڇڏائڻي پئي تہ اها بہ جبري طور تي ڇڏائي سگهجي ٿي. پر جيڪڏهن انفاق جا حڪم ترغيبي ۽ استحبابي تسليم ڪيا وڃن تہ بہ حڪمت جو اصول هي آهي تہ ضرورت جي وقت ترغيبي حڪم قانوني حيثيت اختيار ڪري وٺندا آهن. ۽ جيڪڏهن انفاق جي فلاسافيءَ تي غور ڪيو وڃي تہ اها معنيٰ وڌيڪ چٽي نظر ايندي.

هاڻي اسان هتي ڪجهہ “آثار” ذڪر ڪيون ٿا، جن مان مٿين حقيقت جي ڄاڻ ملي ٿي. حضرت ابو سعيد خدري ﷜ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد



فرمايو: “جنهن شخص وٽ ضرورت کان وڌيڪ قوت ۽ طاقت جو سامان آهي تہ اهو ان کي ڏئي جنهن وٽ نہ آهي ۽ جنهن وٽ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ پيئڻ جو سامان آهي، اهو غريب ۽ مسڪين کي ڏئي.” حضرت ابو سعيد خدري رضہ جن فرمائن ٿا تہ ان کانپوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن مستحقن جا نالا ڪنيا، ايسيتائين جو اسان کي گمان ٿيو تہ بچت مال ۾ تہ اسان جو حق ئي نہ آهي.

حضرت علي ﷜ عنه جو قول آهي تہ: “الله تعاليٰ دولتمندن تي اهو لازم ڪري ڇڏيو آهي تہ اهي غريبن ۽ مسڪينن جي اهڙي طرح مدد ڪن جو اها انهن کي ڪفايت ڪري وڃي. جيڪڏهن (انهن جون بنيادي ضرورتون پوريون نہ آهن بلڪ) اهي ڪپڙي لٽي کان عاري، مالي مصيبتن ۾ جڪڙيل آهن تہ اها ڳالهہ نتيجو آهي هن ڳالهہ جو تہ سوسائٽي ۾ دولت مند پنهنجا حق پورا نٿا ڪن. ۽ قيامت جي ڏينهن ان باري ۾ انهن کي جواب ڏيڻو پوندو.”

اهڙا ڪوڙ سارا اثر ذڪر ڪري آخر ۾ علامه ابن حزم لکي ٿو تہ سماج ۾ دولت مندن تي غريبن ۽ مسڪينن جي معاشي ڪفالت ڪرڻ لازم آهي ۽ جيڪڏهن قومي خزاني جي آمدني، غريبن ۽ مسڪينن جي ضرورت پوري نٿي ڪري سگهي تہ حڪومت تي لازم آهي تہ اها دولت مندن تي اضافي ٽيڪس هڻي غريبن جي ضرورت پوري ڪري ۽ حضرت ابو سعيد خدري واري روايت تي تبصرو ڪندي لکن ٿا تہ “صحابہ رضي الله عنهم جو اجماع آهي تہ سماج ۾ جيڪڏهن ڪو شخص ننگو، بکيو يا بنيادي ضرورتن کان محروم آهي تہ مالدارن جي ضرورت کان واڌو مال مان ان جي ضرورت پوري ڪرڻ لازمي آهي”. (محلي ج ٦، ص ١٠٨)

## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- **قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو**
- **قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو**
- **عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو**
- **امام شاهہ ولي لله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو**

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاهہ ولي الله ؒ جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نہ صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد بہ حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان بہ قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا تہ هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**
**نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097**

علامہ عبدالله منهاس

# قرآن مجيد متعلق مغربي دانشورن جي راءِ

جان ڊيون پورٽ لکي ٿو ته:

قرآن هڪ آسان ۽ عام فهم مذهبي قانون آهي. جنهن ۾ انساني زندگي جي سڌاري لاءِ سڀ ڪجهه موجود آهي. هن ڪتاب جي خصوصيت اها آهي ته هن جون تعليمات انسان جي فطرت مطابق آهن ۽ سهڻي انداز سان اصلاح جي دعوت ڏئي ٿو. هن جي عام فهم انداز جي ڪري عرب جا اڻ پڙهيل ماڻهو به فيض حاصل ڪري پرهيزگار انسان بڻجي ويا. هن ڪتاب هڪ طرف روح جي سڌاري لاءِ هدايت ڏني ته ٻي طرف دنيوي خوشحالي لاءِ به دروازا کولي ڇڏيا.

هو وڌيڪ لکي ٿو ته:

قرآن انسانن کي هڪ مشترڪ قانون ڏنو آهي. ان قانون ذريعي ملڪي اصلاح، واپار، عدالت، فوجي معاملن کي سنواري سگهجي ٿو. قرآن مجيد ٻي شمار خوبين جو شاهڪار آهي، پر ٻه خوبيون هن کي ٻين ڪتابن کان نکيڙن ٿيون. هڪ خوبي اها ته هن ڪتاب ۾ خالق ڪائنات لاءِ هڪ هيبت ۽ عظمت ۽ ادب احترام وارو رويو سيکاريو ويو آهي، ٻي خوبي اها آهي ته غير فصيح، نامناسب خيال ۽ اخلاق کي بگاڙيندڙ ڪنهن به شيءِ جو ذڪر نه ڪيو ويو آهي. افسوس ته هن ڪتاب جي مقابلي ۾ انهيءَ ڪتاب ۾ اهڙيون ڪوڙ ڳالهيون موجود آهن جنهن کي عيسائي دنيا ”عهد قديم“ جو نالو ڏئي ٿي. ڪارلائل مشهور محقق ٿي گذريو آهي، هو ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ عربي جو پروفيسر هو. لکي ٿو ته:

جڏهن توهان هڪ دفعو قرآن جو غور سان مطالعو ڪريو ته اوهان تي قرآن جون خصوصيتون ڪلنديون وينديون، هن ڪتاب جي خاص خصوصيت اها آهي ته پڙهندڙ تي پنهنجو اثر قائم ڪري ٿو جيڪو هن جي سچائي جو دليل آهي. هن ڪتاب ۾ خلوص ۽ سچائي هر انداز سان واضح ٿئي ٿي. حقيقت ۾ ڪتاب سڏرائڻ جو حقدار صرف هي ڪتاب آهي.

هن ڪتاب جي پيش ڪندڙ کي يقين جو حوصلو ايترو هيو جو هو ٿوري عرصي گذرڻ کانپوءِ چوڻ لڳو ته هن ڪتاب جو نور دنيا جي هر خطي تائين پهچندو، پوءِ دنيا ڏٺو ته غرناطي کان وٺي دهلي تائين هن ڪتاب جي روشني ڦهلجي وئي.

ڪونٽ هنري پنهنجي ڪتاب ”اسلام“ ۾ لکي ٿو ته:

عقل حيرت ۾ مبتلا آهي ته قرآن جهڙو ڪتاب اهڙي شخص جي زبان مان ڪيئن ظاهر ٿيو جيڪو ”اُمي“ هيو. مشرق ۽ مغرب اقرار ڪري ٿي ته هن جهڙو ڪلام لفظي ۽ معنوي طرح ڪوبه انسان پيش نٿو ڪري سگهي. هي اهو ڪلام آهي جنهن جي فصاحت ۽ بلاغت عمر بن خطاب تي جادو ڪري ڇڏيو ۽ هو نبوت جي اقرار ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو.

هي اهو ڪلام آهي جڏهن جعفر بن ابوطالب، نجاشي بادشاهه جي سامهون پڙهيو ته ان جي اکين مان ڳوڙها نڪري آيا.

هي ڪتاب اهڙو راز آهي جنهن جي طلسم کي ٽوڙڻ ڪنهن جي وس ۾ ئي ڪونهي. هن ڪتاب جي انصاف واري تعليم اها به آهي ته ڪنهن ٻي مذهب تي هلڻ واري انسان سان به سٺو



سلوڪ ڪيو ٿو وڃي. هڪ معمولي ٽيڪس وٺي انهن جي جان ۽ مال جي حفاظت جو ذمو پاڻ تي قبوليو وڃي ٿو. اسلام جي پهرين خليفن ان تي سختيءَ سان عمل ڪيو.

انگلستان جو مؤرخ ڊاڪٽر گبن لکي ٿو ته:

قرآن مجيد لاءِ انسانن تسليم ڪيو آهي ته هي هڪ بنيادي دستور آهي. هن ڪتاب ۾ فقط مذهبي اصول ئي نه بيان ڪيا ويا آهن بلڪ ديواني ۽ فوجداري نظام جا ضابطا به ڏنا ويا آهن. انهن قانونن تي عمراني نظام جو بنياد آهي. محمد ﷺ هڪ اهڙي شريعت ڏ ني آهي جنهن ۾ بادشاهه کان وٺي هڪ گداگر تائين سڀني جي مسئلن جو حل موجود آهي. ان ۾ اهڙا دانشمندانه اصول ڏنا ويا آهن جو ان جو نظير پوري جهان ۾ موجود ناهي.

وڌيڪ لکي ٿو ته: قرآن توحيد تي گواهي ڏيندڙ ڪتاب آهي، جڏهن ته عيسائين تثليث جو اظهار ڪري خدا کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي.

ڊاڪٽر ڊريپر لکي ٿو ته:

هي مسئلو غور طلب آهي ته اسلام جڏهن هجرت کان پوءِ ڇهه سو سال گذاري چڪو آهي ان وقت عيسائيت جي عمر تيرهن سو سال کي پهتي هئي. مگر تهذيب، تمدن، معاشرت ۽ سياست ۾ ٻنهي مذهبن جو مقابلو ڪيو وڃي ته اها ڳالهه يقيني طرح سامهون ايندي ته عيسائيت ترقي ۾ رڪاوٽ هئي.

هي ڳالهه ثابت ٿيل حقيقت آهي ته عيسائيت جي ترقي ان وقت شروع ٿي جڏهن هنن پنهنجي مذهب کي ترڪ ڪيو ۽ اسلام جي اصولن کي اپنايو ۽ مسلمانن جو زوال ان وقت ٿيو جڏهن هنن ڪتاب الله کان انحراف ڪيو ۽ پنهنجن اصولن کان هٽي ويا. ان مان معلوم ٿيو ته عيسائيت ترقي ۽ واڌاري ۾ رڪاوٽ هئي مگر اسلام ترقي جو داعي هيو.

مسلمانن جي زوال ڏانهن پيغمبر اسلام اشارو ڪندي چيو هو ته اوهان تي زوال ان وقت ايندو جڏهن توهان قرآن کان پاسيرا ٿي ويندا.

الڪس لوازون هڪ فرانسيسي فلاسفر آهي اهو لکي ٿو ته:

قرآن کي الله تعاليٰ محمد جي دل تي نازل ڪري انسانن جي رهنمائي لاءِ موڪليو آهي. بيشڪ هي هڪ روشن ۽ حڪمت وارو ڪتاب آهي. هن ۾ ڪنهن شڪ جي گنجائش ناهي، هڪ سچي نبي پيش ڪيو آهي. هن ڪتاب ذريعي هڪ عالمگير مذهب جو بنياد پيو. هن ڪتاب جي پيروڪارن روم جهڙي سلطنت کي پاش پاش ڪري ڇڏيو ۽ دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. هن ڪتاب علمي افڪار ۽ انهن جي تحقيق کي بنياد بڻايو، اسان عيسائي دنيا جي مسئلن تي ويچار ڪيون پيا انهن جي ڄاڻ قرآن پهريائين ڪئي ۽ اهي شيون قرآن ۾ پوري طرح موجود آهن.

موسيو ميسديو جيڪو فرانس جو مشهور مستشرق آهي، ”تاريخ العرب“ ۾ لکي ٿو ته قرآن هڪ تعظيم وارو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ٻڌايو ته خدا جا حق ٻانهن تي ڪهڙا آهن ۽ ٻانهن ۽ خدا جي وچ ۾ تعلقات ڪهڙي قسم جا هجڻ کپن. هن ڪتاب ۾ فلسفه ۽ اخلاق جي ڀرپور تعليم ڏني وئي آهي. اهي آداب ۽ اصول جيڪي حڪمت تي ٻڌل آهن، جن جو بنياد انصاف تي رکيل آهي، جيڪي دنيا کي ڀلائي ۽ احسان جي تعليم ڏين ٿا، انهن مان ڪا هڪ شي به اهڙي رهيل ناهي جيڪا قرآن ۾ موجود نه هجي. هي اعتدال، وچٿرائي جو سڌو رستو ڏيکاري ٿو ۽ اخلاقي ڪمزورين کان بچائي انڌيري مان ڪڍي روشني جي طرف وٺي اچي ٿو. اسلام کي جيڪي ماڻهو وحشيانه مذهب چون ٿا انهن جي سياهه قلبي هجڻ جو اهو دليل ڪافي آهي ته قرآن

ڪي رهنما بنائيندڙ انسان ڪيترين گندين رسمن ۽ رواجن مان ٻاهر نڪري آيا. مثلاً بدلو وٺڻ، خانداني انتقام، ڪينہ پروري، ظلم ۽ ناانصافي وغيره.

سروجني نائيڊو لکي ٿو تہ:

محمد (ﷺ) جنهن مذهب جي تبليغ لاءِ موڪليو ويو، ان ۾ تعصب کان پاڪ رويو ان جي خاص خصوصيت هئي. محمد صہ جي ساٿين مسلي تي حڪومت ڪئي. اسپين تي ست سو سالن کان وڌيڪ حڪمراني ڪئي. پر ڪڏهن بہ رعيت جي پوڄا جي حقن ۾ دخل اندازي نہ ڪئي. هو عيسائيت جو احترام ان ڪري ڪندا هئا جو قرآن ڪريم هنن کي غيرمسلمن لاءِ رواداري جو سبق ڏنو هو. سڀئي مذهب ايثار جي تلقين ڪن ٿا مگر اسلام سڀني کان اڳيرو آهي. نوع انساني جي خدمت، تعليم، اخلاقي تربيت اسلام جي امتيازي خصوصيت آهي.

پروفيسر رينلڊ اي نڪلسن لکي ٿو تہ:

هي قرآن جو اعجاز آهي تہ عربي زبان مسلم دنيا جي محترم زبان بڻجي وئي. قرآن عربي زبان ۾ ادبيات تي وڏو اثر وڌو. نحو ۽ لغت جا علم ايجاد ڪيا. زمانہ قبل اسلام جي ادب کي هلاڪت کان بچايو. هر مسلمان ٻار اسڪول ۾ پهريائين قرآن پڙهي ٿو، نماز ۾ دهرائي ٿو. ان ڪري ان جي زندگي تي قرآن جو اثر قائم آهي. هڪ عام عيسائي انهن ڳالهين کي محسوس نٿو ڪري سگهي.

پنڊت شانتارام لکي ٿو تہ:

مون ڪيترا سال ان تي غور ڪيو تہ آخر اسلام ايتري قدر ترقي ڇو ڪئي! پوءِ مان قرآن جو انگريزي ترجمو پڙهيو تہ مون کي معلوم ٿيو تہ قرآن جون تعليمات عام فهم ۽ انساني فطرت مطابق آهن. هڪ هٺ ڌرم بہ ڪو عيب نٿو ڪڍي سگهي تہ قرآن جو ڪوبہ اصول تهذيب ۽ اخلاق کان هيٺ آهي.

مشهور جرمن جان جاڪ وليڪ لکي ٿو تہ:

ڪي ماڻهو ٿوري عربي پڙهي قرآن تي اعتراض ڪندا آهن پر جيڪڏهن هنن کي ڪو اهڙو موقعو نصيب ٿئي ها جو هو پيغمبر اسلام جي روبرو ان کان قرآن ٻڌن ها ۽ هو انهن کي قرآن سمجهائي ها تہ اهي بي اختيار ٿي سندس قدمن تي ڪري پون ها ۽ چون ها تہ هٿ وڌايو تہ اسان اوهان تي ايمان آڻي جي بيعت ڪريون.

جپان جو قونصل جنرل خطاب ڪندي چوي ٿو تہ:

جيڪڏهن اوڀر ۽ اولهہ جا مسلمان قرآن تي پوري طرح عمل ڪن تہ اها ڳالهہ لازمي آهي تہ اجتماعي معاملن ۾ هو دنيا جي قيادت ڪري سگهن ٿا. ڇو تہ هنن وٽ قرآن موجود آهي جيڪو رهنمائي ڪري ٿو. قرآن مجيد جا ڪيترا ترجما مون تائين پهتا آهن، هن وقت هڪ انگريزي ترجمو جيڪو منهنجي هٿن ۾ موجود آهي، مان ان جي مطالعي ۾ رڌل آهيان. مان هن مقدس ڪتاب جي حڪمت ۽ ان جي معنائن ۽ ان جي منظم انداز کان ايترو متاثر ٿيو آهيان جو منهن جو عقل حيرت ۾ ٽٻيون ڪائي رهيو آهي. مان مسلمانن جي غفلت، ڪوتاهي ۽ لاپرواهي تي سخت تعجب ٿو ڪريان تہ هو ڇو قرآن کان پاسيرا ٿي ويا آهن. هو هن ڪتاب جي اصولن ۽ قانونن تي ڇو عمل نٿا ڪن، هو پنهنجي خزاني کان ڇو اڻ واقف آهن! جيڪڏهن مسلمان سچي دل سان اسلامي حڪمن جي پيروي ڪن تہ هي قوم لازمي طرح ترقي جي بلند مرتبي تي پهچي سگهي ٿي. (31 آڪٽوبر 1935ع)



مولانا شعيب الرحمٰن کھڙو

علیکم بسنتي

# گفتگو بابت پاڻ سڳورن جون سنتون

زبان هڪ اهڙو عضوو آهي، جيڪا اسان جي مافي الضمير کي بيان ڪري ٿو. انسان جي سينن ۾ جيڪو ڪجهہ سانديل آهي، زبان ان کي ٻاهر آڻي ٿي، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن انسان جو اندر اڇو اجرو ۽ صاف آهي تہ زبان ان جو اظهار ڪندي، پر جي ڪنهن جو اندر گدلو هوندو تہ زبان بہ اهڙي اُڇل ڏيندي جنهن سان پورو ماحول بگڙجي ويندو. اهوئي سبب آهي جو پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي اُمت کي زبان جي نحوستن کان پناهہ گهرڻ جي تلقين ڪئي آهي. تنهن ڪري انسان لاءِ ضروري آهي تہ، هو زبان سان اهڙي ڳالهہ ڪري جنهن ۾ رب جو رضامندو هجي، ڇو تہ زبان سمورن عضون جو ترجمان آهي.

حديث شريف ۾ آهي تہ، صبح جي وقت جسم جا سمورا عضوا زبان جي آڏو عاجزي ۽ هيٺائين ڪندا آهن ۽ ان کي چوندا آهن تہ، اسان جي معاملي ۾ الله کان ڊڄ، ڇو تہ اسان جي نجات ۽ هلاڪت جو مدار توتي ئي آهي. جيڪڏهن تون صحيح هوندينءَ تہ اسان بہ صحيح هونداسون ۽ جيڪڏهن تو ڏنگائي اختيار ڪئي تہ اسين بہ ڏنگا ٻڻجي ويندا سون. (مشڪواه المصابيح)

زبان هڪ اهڙو هٿيار آهي، جيڪا انسان جي جنت ۽ جهنم بنائي سگهي ٿي. پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان آهي:

بيشڪ ٻانهو جڏهن الله کي وڻندڙ لفظن سان ڳالهائيندو آهي تہ ان سان سندس درجا بلند ٿيندا آهن ۽ جڏهن الله کي اڻ وڻندڙ لفظن سان ڳالهائيندو آهي تہ اُهي ڪيس جهنم تائين رسائيندا آهن. (صحيح البخاري 189/2)

انسان ڪڏهن زبان مان اهڙا لفظ ڪڍي وڻندو آهي، جنهن سان رب خوش ٿي ويندو آهي، پر ٻانهي کي انهن جي اهميت جي خبر ئي نہ هوندي آهي ۽ ان جي بدلي ۾ الله تعاليٰ ان جا درجا بلند فرمائيندو آهي. ۽ ڪڏهن ٻانهو اهڙي ڳالهہ چئي وڻندو آهي، جنهن سان الله تعاليٰ ناراض ٿي پوندو آهي. ٻانهو ان کي معمولي سمجهندو آهي، حالانڪ اها ڳالهہ ان کي جهنم ڏانهن وٺي ويندي آهي.

انسان کي گهرجي تہ زبان کي ڇڙواڳ نہ ڇڏي، بلڪ ان تي ڪنٽرول ڪري، ان ۾ ئي انسان جي نجات ۽ ڇوٽڪارو آهي، ڇو تہ زبان آلو لڪڻ آهي. تنهن ڪري ان کي صحيح سوچ ۽ سمجهہ سان استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ ان بابت پاڻ سڳورن ﷺ جي اسوه حسنہ کي سامهون رکڻ گهرجي، هتي پاڻ سڳورن ﷺ جي گفتگوءَ جو طريقو ۽ هدايتون بيان ڪجن ٿيون:

حضرت امان عائشہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ پاڻ سڳورا ﷺ عام انسانن وانگر (تڪڙو ۽

وچڙائي) نہ ڳالهائيندا هئا. بلڪ چٽو ۽ (هر لفظ جدا جدا) ڪري ڳالهائيندا هئا. ٻڌندڙ اهو پورو ڪلام ياد ڪري وٺندو هو. (شمائل ترمذي)

جيڪڏهن پاڻ سڳورا ﷺ ڪنهن مسئلي جي بيان ۾ يا وعظ ۽ نصيحت ۾ مشغول هوندا هئا ۽ ان دوران ڪو اچي ڳالهائيندو هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ اهو بيان اڌ ۾ نہ ڇڏيندا هئا. بلڪ ائين محسوس ڪرائيندا هئا ڄڻ ان جي ڳالهہ ٻڌي ئي نہ اٿائون ۽ جڏهن ڳالهہ پوري ٿي ويندي هئي تہ ان کان پوءِ ان جو جواب ڏيندا هئا. (نشرالطيب)

۽ جڏهن گهڻن ماڻهن سان مخاطب ٿيندا هئا تہ ڳالهائڻ جي دوران هر پاسي نهاريندا هئا، سمورا ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جو چهرو مبارڪ ڏسي وٺندا هئا. (نشرالطيب)

پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن ڳالهائيندا هئا تہ سندن صحابہ ائين خاموش ٿي ويهندا هئا، ڄڻ انهن جي مٿن تي پکي اچي ويٺا هجن. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڳالهائڻ دوران خاموش هوندا هئا. ۽ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ خاموش ٿي ويندا هئا تہ پوءِ ڳالهائيندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي سامهون ڪنهن بہ قسم جو بحث نہ ڪندا هئا، جڏهن ڪو هڪڙو ڳالهائيندو هو تہ ٻيا خاموش رهندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ هر ماڻهوءَ جي ڳالهہ توجہ سان ٻڌندا هئا ۽ صحابہ کان حال احوال وٺندا رهندا هئا. جيڪڏهن ڪو مجلس ۾ شريڪ نہ ٿيندو هو تہ ان بابت پڇا ڪندا هئا. جيڪڏهن ان جو ڪو مسئلو هوندو هو تہ حل ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو بيمار هوندو تہ ان جي طبع پرسي ڪرڻ لاءِ ويندا هئا. علائقي ۾ جيڪي واقعا پيش ايندا هئا، انهن بابت معلومات وٺندا هئا تہ جيئن مظلومن جي مدد ۽ ظالمن جي رستاروڪ ڪري سگهجي. (نشرالطيب)

حضرت انس رضي الله عنه جو فرمان آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ هر ڳالهہ ٽي ڀيرا دهرائيندا هئا تہ جيئن سمجهندڙ سمجهي وٺي. (شمائل ترمذي)

حضرت حسن بن علي رضي الله عنه جڏهن پنهنجي مامي هند بن ابي هالہ کان پاڻ سڳورن ﷺ جي گفتگو بابت پڇا ڪئي تہ ان حضرت حسن رضي الله عنه کي پاڻ سڳورن ﷺ جي گفتگو بابت هن ريت بيان ڪيو:

”پاڻ سڳوراﷺ (امت جي فڪر ۾) هميشہ غمگين ۽ فڪر ۾ رهندا هئا، گهڻو ڪري ماٺ رهندا هئا، ضرورت کان سواءِ نہ ڳالهائيندا هئا چٽو ۽ صاف ڳالهائيندا هئا. سندن ڪلام نہ اجايو ۽ نہ ئي اڻپورو هوندو هو، بلڪ جامع هوندو هو، سندن ڪلام مٺو، نرم، عزت ڀريو ۽ سٺو هوندو هو. اللہ تعاليٰ جي نعمتن جي واکاڻ ڪندا هئا، توڙي جو اها نعمت ٿوري هجي. هو ڪاڏي مان نہ وڏ ڪيندا هئا ۽ نہ ئي ان جي ساراهہ ڪندا هئا. دنيا جي نقصان تي رنج نہ ٿيندا هئا. باقي حق کانِ منهن موڙڻ کي ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندا هئا، نہ ئي نفس جي لاءِ ڪاوڙبا هئا ۽ نہ ئي پنهنجي نفس جو بدلو وٺندا هيا. جڏهن اشارو ڪندا هئا تہ پوري هٿ سان ڪندا هئا، جڏهن ناراض ٿيندا هئا تہ منهن موڙيندا هئا ۽ جڏهن خوش ٿيندا هئا تہ اکيون جهَڪيون ڪندا هئا. سندن ڪل مُسڪراهٽ کان وڌيڪ نہ هوندي هئي، (شمائل ترمذي ۽ سيرت النبي ص 198-199)

پاڻ سڳورن ﷺ جو آواز مبارڪ سنهو، مٺو، ايمان افروز ۽ من کي موهي وجهندڙ هو. حضرت انس رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ اللہ تبارڪ و تعاليٰ سمورن رسولن کي خوبصورت ۽ سهڻي



آواز وارو بنايو هو، اسان جا نبي سونهارا ﷺ بہ سهڻي صورت ۽ سهڻي آواز وارا هئا. (ابن سعد بحوالہ شمائل ڪبريٰ 70/3)

اللہ تبارڪ و تعاليٰ پاڻ سڳورن ﷺ جي آواز ۾ ايتري طاقت رکي هئي جو پاڻ سڳورن ﷺ جو آواز پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندو هو. حضرت براءِ بن عازب فرمائي ٿو تہ پاڻ سڳورا ﷺ مسجد ۾ خطبو ڏيندا هئا، سندن آواز گهرن ۾ ويٺل عورتون بہ ٻڌنديون هيون. (شمائل ڪبريٰ 70/3)

حضرت عبد الرحمان بن معاذ تيمي رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ اسان کي منيٰ ۾ خطبو ڏنو، اسين پنهنجن خيمن ۾ آواز ٻڌي رهيا هئاسون. (شمائل ڪبريٰ 70/3)

پاڻ سڳورا ﷺ جيئن پاڻ خير ۽ حڪمت کان سواءِ نہ ڳالهائيندا هئا، ائين پنهنجي امت کي پڻ تلقين ڪئي اٿائون تہ پنهنجي زبان کي ڪنٽرول ۾ رکو، هرويرو غلط سلط ۽ اجايو نہ ڳالهايو، بلڪ خير ۽ برڪت ڀريا ٻول ٻوليو، ان سلسلي ۾ هتي ڪجهہ حديثون پيش ڪجن ٿيون:

جيڪو ماڻهو اللہ تعاليٰ ۽ آخرت تي يقين رکي ٿو، ان کي گهرجي تہ هر مٺي ڳالهہ چوي يا خاموش رهي. (رواه البخاري)

جيڪو ماڻهو مون کي زبان ۽ اوگهڙ جي ضمانت ڏيندو آءٌ ان کي جنت جي ضمانت ڏيندس. (بخاري)

جهنم جي باه کان بچو، پوءِ اهو اڌ ڪارڪ (صدقي ڪرڻ) سان ئي ڇو نہ هجي، جيڪڏهن اڌ ڪارڪ بہ نہ هجي تہ پوءِ سهڻي ڳالهائڻ جي ذريعي (جهنم جي باهہ کان بچو).

سچ ڳالهائڻ نيڪي آهي ۽ نيڪي جنت ڏانهن وٺي ويندڙ آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ گناهہ ۽ فسق آهي ۽ گناہ جهنم ڏانهن ڌڪيندڙ آهي.

مسلمان کي برو ڀلو چوڻ گناہ ۽ ان کي مارڻ ڪفر آهي. (رواه بخاري)

مؤمن نہ طعنا هڻندڙ هوندو آهي ۽ نہ لعنت ڪندڙ ۽ نہ اجايو ۽ نہ گٿو ڳالهائيندڙ هوندو آهي. (مشڪواه)

انسان کي هر وقت نرمي ۽ پيار سان ڳالهائڻ گهرجي. ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ نہ گهرجي، ڪنهن ڏکويل کي آٿت ۽ تسلي ڏيڻ گهرجي. پاڻ سڳورن ﷺ جي فرمان آهي تہ جنهن ماڻهوءَ اهڙي عورت کي آٿت ڏني جنهن جو پٽ فوت يا گم ٿي ويو آهي تہ اللہ تعاليٰ ان کي جنت جو خاص وڳو پهرائيندو، تنهن ڪري انسان کي هر وقت ٻين انسان کي دلداري ڏيڻ گهرجي، ٿوري گهڻي ڳالهہ تي جهيڙو ڪرڻ نہ گهرجي، جيڪڏهن ڪو ڄٽ يا جاهل ماڻهو ٽڪرائجي وڃي ٿو ۽ هو بيهوده بڪواس ڪرڻ لڳي ٿو تہ ان سان ٽڪراءُ ۾ نہ اچجي. بلڪ السلام عيلڪم چئي پنهنجي رستو وٺڻ گهرجي ۽ ان کان ڪنهن قسم جو انتقام ۽ بدلو نہ وٺجي.

---

۽ زمين ۽ آسمان ۾ جيڪو ڪجهہ آهي سڀ اللہ تعاليٰ توهان جي لاءِ مسخر ڪري ڇڏيو آهي بلاشبہ ان ماڻهن جي لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪرڻ وارا آهن، هن ڳالهہ ۾(معرفت حقيقت جون) وڏيون نشانيون آهن. (القرآن)